

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 11 فيبروري 2023 ع بمطابق 19 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 259

آءِ ايم ايف سان گڏيل طور تي سمورا معاملا طئي ڪري ورتا آهن : اسحاق ڊار

آءِ ايم ايف معاهدو، 170 ارب رُپين جا نوان ٽيڪس لڳائڻ جو اعلان

معاهدو طئي ٿيڻ بعد طريقيڪار تحت آءِ ايم ايف کي تفصيل ڊيٽا پوندا آهن. آءِ ايم ايف ڳالهين ڪانپوءِ ايم اي ايف پي جو ڊرافٽ ملي ويو آهي

هاڻي سومر تي ورچوئل ميٽنگ ٿيندي جنهن ۾ شين کي اڳتي وڌايو ويندو، حڪومت ۽ معاشي ٽيم آءِ ايم ايف سان معاهدو مڪمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي

آءِ ايم ايف پئڪيج ۾ 170 ارب جا ٽيڪس لڳائڻا پوندا، نون ٽيڪس لڳائڻ لاءِ مني بجيٽ آڻڻي پوندي، هاڻي ان حوالي سان آرڊيننس يا بل جا معاملا ڏسنداسين

توانائي واري شعبي ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي، پاڪستان کي آءِ ايم ايف جائزي ڪانپوءِ 1.2 ارب ڊالر ملڻ جي اميد آهي

بجلي ۽ گيس سيڪٽر ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪري، پيٽرول ۽ ڊيزل تي ليوي 40 مان وڌائي 50 رپيا ڪرڻي پوندي : نائي واري وزير جي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م د) نائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊارچيو آهي ته آءِ ايف سان معاهدي تحت 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس لڳائڻا پوندا جنهن لاءِ مني بجيٽ آڻڻي پوندي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نائي واري اسحاق ڊار چيو آهي آءِ ايم ايف سان گڏيل طور تي سمورا معاملا طئي ڪري ورتا آهن. آءِ ايم ايف کي چيو آهي ته ميمورنڊم آف اڪنامڪ اينڊ فنانشل پاليسي (ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: نائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سرڪاري ڪم ۾ مداخلت جو ڪيس: عمران خان کي ايندڙ ٻڌڻي تي حاضري يقيني بنائڻ جو حڪم

اسلام آباد: (م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت سرڪاري ڪم ۾ مداخلت جي ڪيس ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي طلبي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو.اسلام آباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج راجه جواد عباس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ان موقعي تي اڳوڻي وزيراعظم عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڇا عوامي اعتماد جي امين پاران پارليامينٽ جو بائيڪاٽ ڪرڻ درست آهي؟: سپريم ڪورٽ

ڇا قانونسازي جي وقت بائيڪاٽ ڪرڻ، وري عدالت اچڻ پارلياماني جمهوريت کي ڪمزور ڪرڻ نه آهي؟ : جسٽس منصور علي شاهه

ڇا پارليامينٽ وارو ڪم عدالت ۾ آڻڻ پارليامينٽ کي ڪمزور ڪرڻ برابر ناهي؟ ڇا ووٽنگ کان پاسو ڪندڙ جو عدالت ۾ دعويٰ جو ڪو حق نهي ٿو؟

ڇا ان بنياد تي عوامي مفاد جو ڪيس نه ٻڌون ته درخواست گذار جو ڪنڊڪٽ درست نه هو؟ پارلياماني ڪارروائي جو بائيڪاٽ سڄي دنيا ۾ ٿيندو آهي : چيف جسٽس عمر بنديال

ان نڪتي تي عمران خان کان جواب وٺنداسين، ڇا رڳو ان بنياد تي عوامي مفاد جو ڪيس نه ٻڌوئون ته درخواست گذار جو ڪنڊڪٽ درست نه هو؟

پارليامنٽ جو بائيڪاٽ ڪرڻ پي ٽي آءِ جي سياسي حڪمت عملي هئي، ضروري ناهي ان جو ڪو قانوني جواز به هجي، پارلياماني ڪارروائي جو بائيڪاٽ سڄي دنيا ۾ ٿيندو آهي

عمران خان جي ڪنڊڪٽ تي سوال اٿي ها جيڪڏهن ترميمن ذريعي ڪيس ڪو ذاتي فائدو ٿئي ها، ظاهري طور درخواست گذارجو نيب ترميمن سان ڪو ذاتي مفاد نٿو لڳي : جسٽس اعجاز الحسن

اسلام آباد(م د) سپريم ڪورٽ ۾ نيب قانون ۾ ترميمن واري ڪيس ۾ جسٽس منصور علي شاهه عمران خان ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪنڊڪٽ تي اهم سوال اٿاري ڇڏيا. سپريم ڪورٽ ۾ نيب قانون ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. ٻڌڻي دوران جسٽس منصور علي شاهه عمران خان ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪنڊڪٽ تي اهم سوال اٿاري ڇڏيا. هن پڇائو ڪيو ته عمران خان ۽ سندس پارٽي نيب ترميمي بل تي ووٽنگ کان پاسو ڪيو. ڇا پارليامنٽ ۾ ڪرڻ وارو ڪم عدالتن ۾ آڻڻ پارليامنٽ کي ڪمزور ڪرڻ ناهي؟ ڇا عوامي اعتماد جي امين جو پارليامنٽ جو بائيڪاٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ وارن کي پنهنجي ٻُڏندڙ سياست کي بچائڻ لاءِ پارليامنٽ جي سهاري جي ضرورت آهي: شيري رحمان

عمران خان وڏا دعويٰ ڪيا ته هو هن اسيمبلي کي تسليم نٿو ڪري تنهن ڪري هو ايوان ۾ نه ويندو

استيعفائون منظور ٿيڻ بعد هنن زمان پارڪ کان يو ٽرن وٺي واپس پارليامينٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي

هي پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ نه پر عمران خان جي سياست کي بچائڻ لاءِ اچي رهيا آهن

اسلام آباد (م د) وفاقي وزيرشيري رحمان چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارن کي ڊپ آهي ته استعيفائن ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ ڪانپوءِ سندن سياست ختم ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وفاقي وزير شيري رحمان

سعيد غني وياجين خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ بل پيش ڪري ڇڏيو

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران صوبائي وزير بل پيش ڪيو

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس 13 فيبروري سومر جي صبح ڏهه وڳي تائين ملتوي

ڪراچي (م د) صوبائي وزير ۽ پ پ اڳواڻ سعيد غني وياجين خلاف بل سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏيو. سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شيخ رشيد ضمانت جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

آصف زرداري خلاف بيان تي منهنجي مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو : شيخ رشيد

آصف زرداري منهنجي خلاف ڪابه شڪايت ناهي ڪئي

اسلام آباد (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد ضمانت جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان مشڪل حالتن ۾ ترڪيه کي اڪيلو نه ڇڏيندو: وزيراعظم شهباز شريف

يقين آهي ته ترڪ ۽ شام جي عوام هن مشڪل وقت مان جلد نڪرندا

جنهن ڏينهن اهو سانحو ٿيو ان ڏينهن ترڪ صدر سان ڳالهه ٻولهه ٿي ڪيس تعاون جو يقين ڏياريو

پاڪستان هن مشڪل وقت ۾ ترڪيه جي ڀيڻ ڀائرن سان گڏ بيٺل آهن. ترڪ ڀائرن جي مدد لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏينداسين

لاهور (م د) وزيراعظم شهباز شريف ترڪيه ۾ زلزلي متاثرين جي امداد لاءِ سامان جي وڏي کيپ رواني ڪري ڇڏي ان موقعي تي شهباز شريف چيو ته پاڪستان مشڪل حالتن ۾ ڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف ايئرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد جي اسپتال ۾ مولانا فضل الرحمان جو آپريشن

اسلام آباد(م د) اسلام آباد جي نجي اسپتال ۾ جي يو آءِ(ف) ۽ پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان جو ڪامياب آپريشن ڪيو ويو. ذريعن موجب مولانا فضل الرحمان کي تڪليف سبب اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اليڪشن ڪميشن، پي ٽي آءِ جي نندي چونڊ جي تاريخ اڳتي وڌائڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اسان سٺ ڏينهن ۾ نندي چونڊ ڪرائڻ جا پابند آهيون: اليڪشن ڪميشن

صوبائي حڪومتن کي لکيو ويندو ته نندي چونڊ واري ڏينهن 16 مارچ تي موڪل جو اعلان ڪيو وڃي

اسلام آباد:(م د) اليڪشن ڪميشن، پي ٽي آءِ جي نندي چونڊ جي تاريخ اڳتي وڌائڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي، پي ٽي آءِ طرفان اليڪشن ڪميشن ۾ داخل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي هئي ته نندي چونڊ 16 بدران آچر 19 هين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

موجودا حڪمران ضياءَ الحق جي رستي تي هلڻ چاهين ٿا: فواد چوڌري

ملڪ جي عوام کي هاڻي عدليا مان ئي اميد آهي، هاڻي ڏسڻو آهي ته ملڪ ۾ اليڪشن ٿيندي يا قومي تحريڪ هلندي

چونڊن ۾ دير ڪري اهڙو آئيني بحران پيدا ڪيو پيو وڃي جنهن سان رياست لڏي وڃي

لاهور:(م د) پي ٽي آءِ جي سينئر اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته چونڊن ۾ دير ڪري اهڙو آئيني بحران پيدا ڪيو پيو وڃي جنهن سان رياست لڏي وڃي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ فواد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلوچستان ۾ آپريشن دوران ڌماڪو: پاڪ فوج جا ميجر ۽ ڪيپٽن شهيد

انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن شروع ڪيو ويو ته ڌماڪو ٿيو

بارودي سرنگهه جي ڌماڪي سبب ميجر جواد ۽ ڪئپٽن صغير شهيد ٿي ويا

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ڪوهلو واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران بارودي سرنگهه جو ڌماڪو ٿيو آهي آءِ ايس پي آر موجب ڌماڪي جي نتيجي ۾ پاڪ فوج جا 2 آفيسر شهيد ٿي ويا آهن.آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ترڪيه ۽ شام ۾ زلزلي سبب فوتين جو انگ 21 هزار کان وڌي ويو

خوفناڪ زلزلي کي 4 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ملبي مان ٻارن سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي زنده ڪڍيو ويو

گذرندڙ وقت سان گڏ وڌيڪ ماڻهن کي زنده ڪڍڻ جون اميدون ختم ٿيڻ لڳيون

ريسڪيو عملو لاڳيتورت ڇمائيندڙ موسم ۾ انساني حياتين کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ مصروف

انقره(م د) ترڪيه ۽ شام ۾ تباهي آڻيندڙ زلزلي جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ 21 هزار کان وڌي ويو آهي. خوفناڪ زلزلي کي 4 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ملبي مان ٻارن سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي زنده ڪڍيو ويو آهي جڏهن ته گذرندڙ وقت سان گڏ وڌيڪ ماڻهن کي زنده ڪڍڻ جون اميدون ختم ٿيڻ لڳيون آهن. ريسڪيو عملو لاڳيتورت ڇمائيندڙ موسم ۾ انساني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

انقره: زلزلي سبب ڪري پيل عمارت آڏو هڪ عورت ريسڪيو عملدارن سان ڳالهائي رهي آهي

پاڪستان ۾ نئين موٽرسائيڪل جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ

ڪراچي (م د) پاڪستان ۾ موٽرسائيڪل جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ ڪئي وئي آهي.سوزوڪي پاڪستان موٽر سائيڪلن جي اگهن ۾ 41 هزار رپين تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي.نوان اگهه اڄ کان لاڳو ڪيا ويا آهن. اگهن ۾ واڌ ڪانپوءِ جي ڊي 110 ايس جي قيمت 2 لک 90 هزار رپيا، جي ايس 150 جي قيمت 3 لک 15 هزار رپيا، جي ايس ايڪس 125 جي قيمت 4لک /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

زيادتي ڪيس جي فرياديءَ سان پوليس واري جي زيادتي

انچارج انويسٽيگيشن ثقلين گوندل خلاف زيادتي جو ڪيس داخل ڪيو ويو : پوليس

جوابدار ساٿين سان گڏجي عورت کي شراب پياري زيادتي ڪيائين

لاهور (م د) هڪ پوليس اهلڪار مبينا طور تي زيادتي جو شڪار ٿيل عورت کي هوس جو نشانو بڻائي ڇڏيو پوليس موجب انچارج انويسٽيگيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نسلا ٽاور ڪيس: بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اڳوڻي ڊي جي سميت 4 جوابدار اشتهاري قرار

مفرور جوابدار منظور ڪاڪا جي نالي تي ڪابه ملڪيت ناهي :جاچ آفيسر اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

ڪيس ۾ منظور قادر ڪاڪا سميت 23 جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو هو : رپورٽ

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

ڪراچي (م د) نسلا ٽاور ڪيس ۾ جاچ آفيسر مفرور جوابدار سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اڳوڻي ڊي جي منظور قادر جي ملڪيت بابت رپورٽ پيش ڪري ڇڏي.جاچ آفيسر اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مفرور جوابدار منظور ڪاڪا جي نالي تي ڪابه ملڪيت ناهي، رپورٽ موجب ڪيس ۾ منظور قادر ڪاڪا سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪيپٽن(ر) صفدرجي تازي انٽرويو واري معاملي تان مريم نواز ڪيس ڇنڊ ڇٽيندي پارٽي پاليسي خلاف بيان بازي کان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد(م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز پنهنجي مڙس ۽ پارٽي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر کي ڇنڊ پٽي آهي. ذريعن موجب ڪيپٽن (ر) صفدر جي تازي انٽرويو واري معاملي تان مريم نواز ڪيس ڇنڊ ڇٽيندي پارٽي پاليسي خلاف بيان بازي کان روڪي ڇڏيو آهي. ن ليگ ذريعن موجب مريم نواز هدايت ڪئي ته ڪيپٽن رٽائرڊ صفدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه شيخ رشيد پيشي دوران ڳالهائي رهيو آهي

سوچ ۽ رويو تبديل ڪرڻ تائين عمران خان کي رستو نٿو ملي سگهي: سعد رفيق

حڪمران طور عمران خان جي فرعونيت ۽ اپوزيشن ليڊر طور سندس سازشون عروج تي رهيون

ان نه سبق سکيو نه ئي مڙيو سڀ ڪجهه ڄاڻي به هي اقتدار جي بدلي ماضي ورجائڻ لاءِ تيار آهي

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ ۽ وفاقي وزيرخواجه سعد رفيق چيو آهي ته سوچ ۽ رويو تبديل ڪرڻ تائين ڪيس رستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

باجوا مون کي هيرو قرار ڏنو: شوڪت ترين

يقين نٿو اچي هو اهڙيون ڳالهيون به ڪري سگهي ٿو

31 مارچ 2022 ع تي مون ريڪوڊڪ ڊيل کي فائنل ڪئي

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي نائي واري وزير سينيٽر شوڪت ترين اڳوڻي آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان پارٽي اڳواڻ ملاقات ڪندي

عالمي بئنڪ پاڪستاني معيشت جي ترقي جي رستي ۾ ايندڙ رنڊڪن جي حوالي سان رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

پاڪستاني معيشت پيداواري صلاحيت ۾ سڌارن ڪانسواءِ ترقي نٿي ڪري سگهي : عالمي بئنڪ

وسيلن جي لحاظ کان پيدوار نه ٿيڻ پاڪستان جي معيشت جي ترقي ۾ رنڊڪ آهي

ڪراچي (م د) عالمي بئنڪ پاڪستاني معيشت جي ترقي جي رستي ۾ ايندڙ رنڊڪن جي حوالي سان پنهنجي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي عالمي بئنڪ جي رپورٽ موجب پاڪستاني معيشت پيداواري صلاحيت ۾ سڌارن ڪانسواءِ ترقي نٿي ڪري سگهي. وسيلن جي لحاظ کان پيدوار نه ٿيڻ پاڪستان جي معيشت جي ترقي ۾ رنڊڪ آهي.رپورٽ ۾ ڄاڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 2 ٻارن سميت 4 ڄڻا فوت

روڊ حادثي جي نتيجي ۾ جهوڪ شريف جا رهواسي موٽرسائيڪل سوار افضل ڪيهر، سندس گهرواري ۽ ٻن ٻارڙن سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا

پوليس موقعي تي پهچي فوتين ۽ زخمي کي سول اسپتال ٽنڊومحمدخان ڪڻائي وئي. جتي زخمين کي طبي امداد ڏني وئي

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ٽنڊو محمد خان ۽ سجاول روڊ تي ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر سبب موٽر سائيڪل تي سوار عورت ۽ 2 ٻارن سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. روڊ حادثي جي نتيجي ۾ جهوڪ شريف جا رهواسي موٽرسائيڪل سوار افضل ڪيهر، سندس گهرواري ۽ ٻن ٻارڙن سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا. جڏهن ته حادثي دوران ڪار ۾ سوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

طالبان جي خلاف گڏ ٿيڻو پوندو، ٻڌائڻو پوندو ته اسلام ۾ دهشتگردي جو ڪوئي جواز نه آهي: ملالا يوسفزئي

پاڪستان ۾ وڌندڙ عسڪريت پسندي جي خلاف قيادت امن لاءِ گڏ ٿي وڃي

سياسي ۽ مذهبي قيادت دهشتگردي ۽ عسڪريت پسند سميت طالبان کي رد ڪري ڇڏي

لنڊن (م د) نوبل انعام ماڻيندڙ ملالا يوسفزئي چيو آهي ته طالبان جي خلاف گڏ ٿيڻو پوندو ٻڌائڻو پوندو ته اسلام ۾ دهشتگردي جو ڪوئي جواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ووٽ کي عزت ڏيو وارو بيانيو دفن ٿي ويو: ڪئپٽن (ر) صفدر

حالتون کهڙيون به هجن. جيل يا نيب جو مقابلو ڪرڻو پوي، وفاداري تبديل نه ڪرڻ گهرجي

ووٽ کي عزت ڏيو وارو بيانيو پهريان مضبوط هو، پر اسان ووٽ کي ان ڏينهن بعزتو ڪري ڇڏيو

پرويز رشيد ڪانسواءِ ن ليگ جو هر شخص ڏوهاري آهي جنهن ووٽ ڏنو، سڀ لالچي آهن : انٽرويو دوران اظهار

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز جي مڙس ڪيپٽن رٽائرڊ صفدر چيو آهي ته ڪيس ويجهي مستقبل ۾ مريم نواز وزيراعظم ٿيندي نظر نٿي اچي. داتا دربار تي نجي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي ڪيپٽن (ر) صفدر کليل نموني پارٽي پاليسين تي سخت تنقيد ڪئي ۽ عمران خان خلاف ذاتيات تي ٻڌل بيان ڏيڻ تي شرمساري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

شماريات کاتي هفتيوار مهانگائي جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

مهانگائي غريب عوام جي چيلهه ڇٻي ڪري ڇڏي، گيهه، ڪڪڙ، چانور ۽ پٽاٽن جا اگهه چوٽ چڙهي ويا

هڪ هفتي دوران مهانگائي جي شرح ۾ 0.17 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي : شماريات کاتو

هلندڙ هفتي بصر 24 رُپيا 27 پئسا ، ٽماٽا ته رُپيا ست پئسا في ڪلو سستا ٿيا

اسلام آباد (م د) شماريات کاتي هفتيوار مهانگائي جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي جنهن موجب هلندڙ هفتي گيهه. ڪڪڙ، چانور ۽ پٽاٽن سميت 29 عام واهپي وارين شين مهانگيون ٿيون آهن. شماريات کاتي موجب هڪ هفتي دوران مهانگائي جي شرح ۾ 0.17 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. رپورٽ موجب هلندڙ هفتي دوران ٽماٽا ته رُپيا 91 پئسا في ڪلو مهانگا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: هڪ دڪان تي ماڻهو روزمره شيون خريد ڪندي نظر ايندي

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ اوچتو 3300 رپيا واڌ

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ اڄ اوچتو 3300 رپيا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب في تولي سون جي قيمت ۾ 3300 رپيا واڌ ٿي آهي. جنهن ڪانپوءِ ملڪ ۾ في تولو سون هڪ لک 98 هزار رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 2829 رپيا واڌ سان هڪ لک 69 هزار 753 رپيا آهي. هوڏانهن عالمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اوير ضلعي ۾ روڊن کي درست ڪرڻ جو ڪم جاري

گلشن اقبال جي مختلف بلاڪن سميت ٻين علائقن ۾ روڊن کي پڪو ڪيو ويو

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد آفيسرن سان گڏ ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد چيو آهي ته هر ڪرسي تي ويهڻ بدران ضلعي اوير جي گهٽين ۽ ٻاڙن ۾ وڃي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ناليوارو شاعر، اديب ۽ ڊرامه نگار امجد اسلام امجد لاڏاڻو ڪري ويو

لاهور (م د) ناليوارو شاعر اديب ۽ ڊرامه نگار امجد اسلام امجد 78 سالن جي ڄمار ۾ دل جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ايڪسپو ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب دوران بيٺل آهي

سيڪريٽري پنجاب اسيمبلي جي گمشدگي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

درخواست محمد خان ڀٽي جي نائي وڪيل عمر افتخار ڀٽي داخل ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پنجاب اسيمبلي جي سيڪريٽري محمد خان ڀٽي جي گمشدگي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني سان فواد اعجاز خان ۽ ٻين جو گروپ فوٽو

سنڌ ۾ ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪيو پيو وڃي: مرتضيٰ وهاب

ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد جي سربراهي پاڪستان ريزيڊنٽ مشن جي ڪنٽري ڊائريڪٽر يانگ اي ڪري رهيو هو

صوبائي صلاحڪار وفد جي شرڪت ڪندڙن کي صوبي ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي آگاهي ڏني

انهن مان اڪثر ترقياتي اسڪيمون مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن ۽ فعال ٿيڻ جي طرف آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته سنڌ ۾ ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪيو پيو وڃي ۽ جاري ترقياتي اسڪيمن جو ڀرپور جائزو ورتو پيو وڃي. اڄ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد صوبائي صلاحڪار قانون سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد جي سربراهي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران پيپلز بس سروس لاءِ وڌيڪ اليڪٽرڪ بسن جي خريداري تي اتفاق

ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) ڪراچي ۾ اڳ ئي هلندڙ پيپلز بس سروس لاءِ اليڪٽرڪ بسون خريد ڪرڻ لاءِ تعاون ڪرڻ تي اتفاق ٿيو

مراد علي شاهه جي سربراهي ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد ۽ ان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مسٽر يونگ يي وچ ۾ ملاقات دوران ٿيو

سينيئر موسمياتي تبديلي جو ماهر مسٽر نائن ريو ۽ سينيئر پورٽ فوليو مئنيجمينٽ آفيسر خرم بٽ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB)ڪراچي ۾ اڳ ئي هلندڙ پيپلز بس سروس لاءِ اليڪٽرڪ بسون خريد ڪرڻ لاءِ تعاون ڪرڻ تي اتفاق ٿيو آهي. اهو اتفاق سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي سربراهي ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد ۽ ان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مسٽر يونگ يي وچ ۾ ملاقات دوران ٿيو وفد جي ٻين ميمبرن ۾ يونٽ هيڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نئون ڊمبالو ۾ سرعام هلندڙ منشيات خلاف اسڪولي ٻارڙن ۽ سول سوسائٽي گڏيل ريلي

شهر جي منهاج القران اسڪول جي ٻارڙن ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، سخت نعريبازي

اسان جا ٻچا هن منشيات زهر جا عادي ٿي رهيا آهن پوليس منشيات فروشن سان ڀٽ ٻڌل آهي: مظاهرين

پوليس منشيات فروشن خلاف ڪا به ڪاروائي نٿي ڪري باقي شهر جي شريف ۽ غريب ماڻهن کي تنگ ڪري ٿي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلع جي شهر نئون ڊمبالو ۾ سرعام هلندڙ منشيات خلاف اسڪولي ٻارڙن ۽ سول سوسائٽي گڏيل احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي گشت ڪندي منشيات جي ڪاروبا خلاف سخت نعري بازي ڪئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: سرعام هلندڙ منشيات خلاف اسڪولي ٻارڙن ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

گولاڙچي شهر کي پيئڻ جو صاف
پاڻي فراهم ڪندڙ 80 هزار گيلن وارو
فلٽر پلانٽ بند پيل

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) گولاڙچي شهر کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪندڙ 80 هزار گيلن وارو فلٽر پلانٽ ڪيترن مهينن کان ناڪاره شهري گندو پاڻي واپرائڻ تي مجبور تفصيل موجب ٽائون ڪميٽي گولاڙچي جي 6 وارڊن ۽ شهر جي آس پاس وارن علائقن کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جي لاءِ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گلشن اقبال ۾ بنگلي تي ڪم ڪندڙن ٻائرن تي گهر مالڪياڻي جو تشدد، هڪ فوت

بلاڪ 13 ۾ بنگلي جي مالڪياڻي پاران تشدد ڪري هڪ نينگر جي ننهن ڪڍيا ويا، 11 ساله رفيق نهڙيو فوت ٿي ويو

عورت شيري اسد مٿان گلشن اقبال ٿاڻي تي ڪيس داخل گرفتار، ايڊيشنل آءِ جي ايس ايڇ او ۽ ڊي ايس پي کي معطل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) ڪراچي جي گلشن اقبال ۾ بنگلي تي ڪم ڪندڙ ٿرپار ضلعي تعلقي ڇاڇرو جي ڳوٺ ڪيتار جا رهواسي 3 ٻائر رزاق رشيد ۽ رفيق نهڙيو پٽ قبول محمد جيڪي شيري اسد ڏي• اسد الله خان جي 13 ڊي بلاڪ 1 گهر نمبر آر 25 ۾ بنگلي تي ڪم ڪندا هئا گهر مالڪياڻي شيري اسد پاران گهر ۾ ڪم ڪندڙ ننهي ٻائرن مٿان سخت تشدد ڪري انهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

پاڪستان ۾ موٽرويز تي سخت ڪوهيڙي دوران گذريل 12 سالن ۾ 23 حادثا ٿيا: موٽروي پوليس

9 حادثا صرف گذريل 2 سالن ۾ ٿيا، حادثن جي نتيجي ۾ 29 فوتگيون، 146 ڄڻا زخمي، هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو مالي نقصان ۽ 176 گاڏين کي نقصان پهتو

ڪوهيڙي جو پتو لڳائڻ لاءِ جديد ٿرمل ڪيمرائن جي مدد سان موٽرويز ۾ ڦاٿل گاڏين کي محفوظ طريقي سان موٽرويز تان قافلن جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو

ٽول پلازن تي روزاني جي بنياد تي خاص بريفنگ ڏني وئي ته جيئن مسافرن کي ڪوهيڙي جي حوالي سان هدايتون ڏنيون وڃن: انسپيڪٽر جنرل خالد محمود

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پاڪستان ۾ موٽر ويز تي سخت ڪوهيڙي دوران گذريل 12 سالن ۾ 23 حادثا ٿيا، 9 حادثا صرف گذريل 2 سالن ۾ ٿيا، حادثن جي نتيجي ۾ 29 فوتگيون، 146 ڄڻا زخمي، هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو مالي نقصان ۽ 176 گاڏين کي نقصان پهتو،انسپيڪٽر جنرل خالد محمود جي خاص هدايتن تي نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس ماضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهرو فيروز: موٽروي اهلڪار گاڏين جو معائنو ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ ”انساني حقن جي
صورتحال“ بابت هڪ
گڏجاڻي منعقد

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ضلعي ٺٽي پاران ضلعي ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي شهر ۾ ضلعي ٺٽي ۾ ” انساني حقن جي صورتحال “ جي حوالي سان هڪ گڏجاڻي رکي وئي ۾ تقريب ۾ حصو وٺندڙن وچ ۾ ضلعي ۾ انساني حقن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺڪراڻو شهر ۾ عطائي ڊاڪٽرن ديرا ڄمائي ڇڏيا

جي مختلف بازارن ۽ محلن ۾ 60 کان وڌيڪ غير قانوني ڪلينڪون کليل

ڊاڪٽرن پنهنجا بغير لائسنس ميڊيڪل اسٽور به کولي ڇڏيا، رهواسي پريشان

شهر ۾ نوٽيس وٺي عطائي ڊاڪٽرن ڪاروائي ڪري شهر خاتمو آندو وڃي: شهري

ٺڪراڻو (رپورٽر) ٺڪراڻو شهر ۾ عطائي ڊاڪٽرن ديرا ڄمائي ڇڏيا شهر جي مختلف بازارن ۽ محلن ۾ 60 کان وڌيڪ غير قانوني ڪلينڪون کليل عطائي ڊاڪٽرن پنهنجا بغير لائسنس ميڊيڪل اسٽور به کولي ڇڏيا جن تي ابوجھ ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا صحت کاتو توڙي هيلٿ ڪيئر ڪميشن خاموش تماشائي بڻيل عدالتي حڪمن تي عمل نہ ٿيو عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪا به موثر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڳڏاپ ۾ صحافي ذوالفقار علي خاصخيلي تي حملي جي مذمت ۽ هنگامي اجلاس

اجلاس دوران چيئرمين **ميرعلي گوهر بلوچ**، صدر سعيد احمد چانڊيو ،جنرل سيڪريٽري باغي ساگر ۽ ٻين جي شرڪت

حڪومت صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي: چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ

معاملي جو نوٽيس وٺي صحافي تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري قلم ڌڻين سان انصاف ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڳڏاپ پريس ڪلب جي صحافين پاران صحافي ذوالفقار علي خاصخيلي تي حملي جي مذمت ۽ هنگامي اجلاس حملي آورن جي گرفتاري جي گهر آءِ جي سنڌ ان مسئلي جو نوٽيس وٺي پٽي صورت ۾ سموري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي: ڳڏاپ ۾ صحافي ذوالفقار علي خاصخيلي تي حملي جي مذمت ۽ هنگامي اجلاس منعقد

شڪارپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر
پاران منافعي خورن ڪارروايون،
ڏنڊ لڳايا ويا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور عرفان احمد نظاماڻي طرفان شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ويو، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر عرفان احمد نظاماڻي طرفان منافعي خورن ۽ روزمره جي کاڌي پيتي جي شين کي ذخيرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروايون ڪندي شهر جي مختلف فلور ملين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مليرپرسان بس ڊرائيور پورهيت نينگر مٿان بس چاڙهي ڇڏي، اسپتال داخل

بس جا سي سي ٽي فوٽيج حاصل ٿيڻ باوجود پوليس بس ڊرائيور کي گرفتار نہ ڪري سگهي

نينگر آفتاب چانڊيو کي سول اسپتال ڪراچي ٽراما سينٽر داخل، سندس حالت ڳڻتي جوڳي

بس کي تحويل ۾ وٺي بدمست بس ڊرائيور کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي: وارث

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهوار) ڪراچي نادرن پاس ٽول پلازه وٽ صفائي واري ڪچري جا پشا گهرڻ تان بدمست بس ڊرائيور پورهيت نينگر مٿان بس چاڙهي ڇڏي نينگر جيڪو سخت زخمي اسپتال داخل، بس جا سي سي ٽي فوٽيج حاصل ٿيڻ باوجود پوليس بس ڊرائيور کي گرفتار نہ ڪري سگهي رپورٽ موجب ڪراچي نادرن باءِ پاس گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾ رهندڙ پوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان جي صحافي مظفر بروهي سان والده جي وفات تي تعزيت جاري

صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي معززين ۽ ٻين تڏي پهچي ساڻس تعزيت ڪئي

پ پ اڳواڻ رفيق وساڻ پ پ اڳواڻ وڏيرو خدا بخش وساڻ ۽ ٻين اڳواڻن پڻ ساڻس ڏک ونڊيو

پ پ اڳواڻ ليمون ملاح زميدار نبي بخش سٿيو نيڪ محمد رند نياز ڪوسو اقبال رند ۽ ٻين تعزيت ڪئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر بروهي جي والده ماجده جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي سينئر صحافي سان ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي معززين ۽ رشتيدارن وڏي تعداد ۾ سندس تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر علي بروهي جي والده ماجده جي وفات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان: صحافي مظفر بروهي سان والده جي وفات تي تعزيت ڪئي پئي وڃي

شادي لارج جو صحافي اولاد سميت
بيمارين ۾ وٺجي ويو، ڪنهن به سار نہ
لڌي، مسيحا جو منتظر

ٽنڊو باگو (رپورٽ:سهيل سمون) تعلقي ٽنڊي باگي جي شهر شادي لارج جو سينيئر صحافي غلام رسول بروهي ڪجھ سالن کان ڳوڙن جي بيماري ۾ ورتل آهي سندس 30 سالن جو پٽ نظير احمد بروهي جيڪو گذريل برساتن دوران پوليو جي خاتمي لاءِ ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ دوران ڪالرا جي وبا ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ مختلف بيمارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

غوثپور: اوڳاهي برادري ۾ پراڻي ڪارنهن تڪرار تان جهيڙي ۾ مارجي ويل جو ڪيس داخل

جهيڙي ۾ مارجي ويل محمد بخش اوڳاهي جي قتل جو ڪيس سندس ڀيڻ جي فرياد تي ڪچوڪي ٿي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو

خدابخش عرف خدني اوڳاهي وارن سان پراڻو ڪارنهن تڪرار تان جهيڙو هيو : فرياڌڻ مسمات ڪرمان خاتون

عبدالرحيم اوڳاهي ۽ ٻين ڳڏجي منهنجي ڀاءُ کي ڪلاشنڪوف جا سڌا فائر ڪري ماري فرار ٿي ويا، انصاف ڏياريو وڃي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) هڪ مهينو اڳ غوثپور پرسان ڪچوڪي ٿي پوليس ٿاڻي جي حد ڳوٺ قبول اوڳاهي واري علائقي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي ڪارنهن تڪرار تان جهيڙي ۾ مارجي ويل محمد بخش اوڳاهي جي قتل جو ڪيس سندس ڀيڻ جي فرياد تي ڪچوڪي ٿي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ڪيس فرياڌڻ مسمات ڪرمان خاتون زال عبدالسبحان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهارو پرسان ڊمپر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

اطلاع ملڻ تي پوليس لاش کڻائي رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو

حادثي ۾ فوت ٿي ويل همراه جي سڃاڻپ عابد جي نالي سان ٿي

گهارو (رپورٽر) ڪوسٽ گارڊ چيڪ پوسٽ گهارو ويجهو ڊمپر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر موٽر سائيڪل سوار ٻن ڄڻن مان هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس لاش کڻائي رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو فوت ٿي ويل همراه جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ نيو سونهري يوسي پالهاڻو جي ڳوٺاڻن جو احتجاج

برسات کي 6 مهيا گذري چڪا آهن پر هن محل تائين ڪنهن اسان جي سار ناهي لڌي: مظاهرين

نوٽيس وٺي نيو سونهري واسن جي ڳوٺاڻن ۾ امدادي سامان ڏئي ڳوٺاڻن جي مدد ڪئي وڃي: مطالبو

ٺاروشاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ نيو سونهري يوسي پالهاڻو جي ڳوٺاڻن جو احتجاج خبر موجب ٺاروشاهه پرسان نيو سونهري جي ڳوٺاڻن صوف سولنگي برڪت سولنگي جان محمد سولنگي مقصود سولنگي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺاروشاهه: ڳوٺ نيو سونهري يوسي پالهاڻو جا ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ ذوالفقار علي خاصخيلي مٿان ٿيندڙ حملي خلاف مظاهرو

صحافي عباس علي ٿهيم غلام مصطفيٰ ڪاٺيار اي ڊي شاهاڻي جان محمد خاصخيلي سلام الله ٿهيم ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر ذوالفقار خاصخيلي مٿان ٿيندڙ حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) سنڌ ٽي وي نيوز نوابشاهه جي بيوروچيف ۽ جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر ذوالفقار علي خاصخيلي مٿان ٿيندڙ حملي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين : عورت جو چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب رڪشا ڪلٽي

حادثي سبب 4 ورهين جي معصوم نينگري اوزيران ٿڏي تي فوت ٿي وئي

فوتي معصوم نينگري جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي ڦلڪارا روڊ تي ڪبي اسٽاپ وٽ چنگچي رڪشا ۾ سوار هڪ عورت جو رڪشا جي چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب رڪشا ڪلٽي ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ورهين جي معصوم نينگري اوزيران ڌي محمد رمضان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي، سجاول ۽ بدين ضلعن جي گڏس ٽرانسپورٽرن چورين، ڦرن جي ظلمن خلاف مظاهرو

عرفان پٽو گڏس ٽرانسپورٽ سجاول جي محمد خان سرويچ، جهولي لال گڏس جي رسول بخش خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سجاول (رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ گڏس ٽرانسپورٽ مالڪن پاران روڊن تي لوڊنگ گاڏين مان مال چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو، انتظاميہ خلاف سخت نعري بازي، سجاول ۾ سنڌ جي مختلف شهرن گولاڙچي، ماتلي ۽ بنورو جي گڏس ٽرانسپورٽ ڪمپنين جي مالڪن پاران مامون سرويچ، رسول بخش خاصخيلي، لالاجابر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو : سجاول ۽ بدين ضلعن جي گڏس ٽرانسپورٽرن چورين، ڦرن جي ظلمن خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٺاروشاهه ۾ سياست جي وڏي نالي دادا گوبند مالهي جي 22 ورسي تقريب، پيتا پيش

تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري شبير سيال ۽ ٻين جي شرڪت

دادا گوبند سنڌي ناولن جو شهزادو هو هن سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد رکيو، جيڪا اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت ٿي : ڊاڪٽر مشتاق ڦل ۽ ٻيا اڳواڻ

ٺاروشاهه(رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران شاخ ٺاروشاهه جي سهڪار سان سنڌي ٻولي قومي ٻولي مهم دوران اجو نہ سنڌي ادبي سنگت جي بانيڪار، سنڌي ترقي پسند ادب ۽ سياست جي وڏي نالي دادا گوبند مالهي جي 22 ورسي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ نافرمان پٽ جي زيادتين خلاف پيرسن امڙ جو احتجاج

منهنجو پٽ نافرمان پٽ حاجي خان برهماڻي مارڪٽ ڪري ڌمڪيون ڏئي ٿو: پيرسن امڙ

نافرمان پٽ اسان جي روڪڻ تي اسان کي مارڪٽ ڪري موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

دادو(نہ سنڌيار) دادو شهر ۾ گلشن سليمان ڪالوني جي رهواسڻ بيواهه مسمات عظيما زال غلام محمد برهماڻي پنهنجي 2 پٽن اشتياق ۽ اشفاق برهماڻي سان گڏجي دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ منهنجو نافرمان پٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: نافرمان پٽ جي زيادتين خلاف پيرسن امڙ جو احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺاروشاهه ۾ قلم ڌڻين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاج

ذوالفقار خاصخيلي تي ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

صحافي ذولفقار خاصخيلي اڪيلو نہ آهي سڄي سنڌ سندس سان گڏ آهي

ٺاروشاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه ۾ قلم ڌڻين پاران پريس ڪلب آڏو هٿن ۾ بينر کڻي سخت احتجاج ڪندي چيو تہ ڪجھ غنڊن پاران نوابشاهه ۾ جي ڊبليو سي جي چيف ذوالفقار خاصخيلي تي ٿيل حملي خلاف ٺارو شاهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺڪراڻو ۾ نوابشاهه جي صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي حملي خلاف احتجاج

هٿيارن ۽ ڌمڪين جي زور تي حق ۽ سچ جي آواز کي ڪير بہ دٻائي نٿو سگهي: مظاهرين

صحافي ذوالفقار علي خاصخيلي تي حملو ڪندڙن کي فل فور گرفتار ڪيو وڃي

ٺڪراڻو (رپورٽر) ٺڪراڻو ۾ صحافين جو نوابشاهه جي صحافي مٿان ٿيل حملي جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ذوالفقار خاصخيلي حق سچ لکڻ وارو صحافي آهي جنهن تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا جلد جوابدار گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوابشاهه ۾ سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتين لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي

پهرين مرحلي ۾ ضلعي نواب شاهه ۽ سانگهڙ جي اميدوارن کان ٽيسٽ ورتي آهي: عملدار

ايس ايس پي سانگهڙ بشير بروهي، ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي ۽ ٻيا آفسران شامل آهن

نوابشاهه (رپورٽ:اي ڪي ڏاهري) شهيد بينظير آباد ڊويزن جي ٽن ضلعن سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتين لاءِ ڊي آئي جي رينج آفيس ۾ اميدوارن تحريري ۽ زباني ٽيسٽ ورتي وئي، پهرين مرحلي ۾ ضلعي نواب شاهه ۽ سانگهڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوابشاهه: سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتين لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي

مانجهند ۾ نوابشاهه جي صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي محمد يوسف عمراڻي، صحافي گلزار ملاح، صحافي محرم خاصخيلي، شاهزيب عمراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

هر روز صحافي برادري تي حملا، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ ڦرلٽ جا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي صحافين کي تحفظ فراهم ڪري انهن سان انصاف ڪيو وڃي : مطالبو

مانجهند(رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ نوابشاهه جي صحافي ۽ جي ڊبليو سي سنڌ جي مرڪزي صدر ذوالفقار خاصخيلي تي حملي ۽ جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف جي ڊبليو سي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ پاران گڏيل طور تي شاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مانجهند: نوابشاهه جي صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي: ڊسٽرڪٽ آفيسر سيڪنڊري يار محمد
بالادي ۽ ڊي او پرائمري شاهانا پروين کي هٽائي
هيڊ آفيس رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سيڪريٽري تعليم جي حڪم تي سيڪشن آفيسر مردم شماري لاءِ اسٽاف مهيا نہ ڪري ڏيڻ تي ضلعي اوير جي ڊسٽرڪٽ آفيسر سيڪنڊري يار محمد بالادي ۽ ڊي او پرائمري شاهانا پروين کي هٽائي هيڊ آفيس رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خبرموجب تعليم کاتي جي سيڪريٽري غلام اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

آمري پرسان وين جي ٽڪر موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

حادثي سبب ڳوٺ نيو سونهري واسي نوجوان وقار علي برهماڻي موقعي تي فوت ٿي ويو

فوتي جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقہ اسپتال سيوهڻ منتقل ڪيو ويو

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) آمري پرسان انڊس هاءِ وي تي وين جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فوت گهر ۾ ڪهرام آمري پرسان انڊس هاءِوي تي موٽر سائيڪل کي وين جو زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ نيو سونهري واسي نوجوان وقار علي برهماڻي موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن تي سندس گهر ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين ۾ ترڪي ۽ شام ۾ زلزلي جي متاثرن جي مدد لاءِ ڪئمپ قائم

راشن، ڪمبل، گرم ڪپڙا، دوائون ۽ ٻين گهريلو استعمال لاءِ ڪيمپ قائم ڪيون ويون

هن مشڪل وقت ۾ پاڪستاني عوام ترڪيا ۽ شام جي عوام سان گڏ آهي: ڊي سي بدين

پاڪ زلزلي متاثرين جي پريشانين کي دور ڪري انهن جون مشڪلاتون آسان ڪري: ڳالهيون

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان پاران ترڪيا ۽ شام جي زلزلي جي متاثرين لاءِ ضلعي هيڊڪوارٽر ۽ تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ راشن، ڪمبل، گرم ڪپڙا، دوائون ۽ ٻين گهريلو استعمال جي شين لاءِ امدادي ڪيمپون قائم ڪيون ويون آهن ڊپٽي ڪمشنر بدين ضلع جي شهرين کي اپيل ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين: ترڪي ۽ شام ۾ زلزلي جي متاثرن جي مدد لاءِ ڪئمپ قائم ڪئي وئي

ڪي اين شاهه ۾ آل واپاري اتحاد
جي اڳواڻ جي دڪان مان لکين
رپين جي چوري

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه مان امن جو پکي اڏامي ويو شهر جي مصروف ترين علمدار چوڪ تان آل واپاري اتحاد جي اڳواڻ سهيل شيخ جي دڪان مان 6 لک رپين جي چور چوري ڪري آساني سان ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاهه مان امن جو پکي اڏامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بلڙي شاهه ڪريم خوني روڊ تي ايڪسيڊنٽ معمول بڻيل، حادثي ۾ 4 ڄڻا اجل جو شڪار

محمد خان جي مک روڊ تي نڪرجي فارم وٽ موٽرسائيڪل ۽ ڪار جي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب فضل دين کهر، لعل خاتون ، 12 ساله نياڻي شاهده ۽ 9 ساله ناهده ٿڏي تي فوت ٿي ويا

حادثي سبب 2 ورهين جو نينگر وحيد پٽ فضل کهر سخت زخمي ٿي پيو، کين اسپتال پهچايو ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم خوني روڊ تي روز بہ روز ايڪسيڊنٽ معمول بڻيل ٽنڊو محمد خان بلڙي شاهه ڪريم روڊ پرسان سجاول واءِ ٽنڊو محمد خان جي مک روڊ تي نڪرجي فارم وٽ موٽر سائيڪل ۽ ڪار جي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 35 ساله فضل دين پٽ قائم دين کهر 32 ساله لعل خاتون زال فضل دين ، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين ۾ صحت کاتي جي ڊيلي ويجز تي رکيل ملازمن جو پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن کي گذريل 9 مهينن کان پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف عبدالقدير ميمڻ، فياض علي قمبراڻي، خليل جبران ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان ان ڏکين حالتن ۾ پنهنجون زندگيون جوکي ۾ وجهي ڊيوٽيون ڪيون پر اسان کي پگهارون نہ ٿيون ڏنيون وڃن: ملازمن جون دانهون

ضلع جي مختلف شهرن ۾ 80 کان وڌيڪ ڊيلي ويجز ملازمن کي پگهارون جاري ڪري انهن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صحت کاتي طرفان ٽي سال اڳ ڪورونا ايمرجنسي ۾ بدين ۾ ڊيلي ويجز تي رکيل ملازمن جو پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف ملازمن جو احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب نہ سنڌ جي صحت کاتي طرفان سموري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين: صحت کاتي جي ڊيلي ويجز تي رکيل ملازمن جو پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏيپلو پرسان ڳوٺ صالحو پيل
۾ سمورن گهرن ۾ سولر
سسٽم لڳايو ويو

مٺي (رپورٽر) ڏيپلو جي ڳوٺ صالحو پيل ۾ ٿر ايڊيوڪيشن الائنس ۽ حبيب ميٽرو بينڪ پاران سمورن گهرن ۾ سولر سسٽم لڳايو ويو آهي جنهن ۾ هر گهر ۾ بلبن سان گڏ پنکا بہ لڳايا ويا آهن ڳوٺ کي روشن ڪرڻ جي ڪم مڪمل ٿي منصوبي جو حبيب ميٽرو بينڪ جي عهديدار شزا احمد شريف زرين ۽ ٿرايڊيوڪيشن الائنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو غلام حيدر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جو سرعام هلندڙ وڪرو بند نہ ٿي سگهيو

لکين رپيہ منٿلي وصولي عيوض قانون جا ڪن بہ لاٿار، هزارين انساني قيمتي زندگيون داءَ تي لڳل

چوراهن توڙي ڀهراڙي واري ڳوٺن ۾ منشيات مين پڙي، گٽڪو، چرس، ۽ ڪچي شراب جو وڪرو عروج تي پهتل

منشيات بند ڪرائي شهرن ۾ امن بحال ڪيو وڃي بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: سڄاڻ ڌريون

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) تعلقي جي مڙني شهرن ۾ منشيات جو سرعام هلندڙ وڪرو بند نہ ٿي سگهيو لکين رپيہ منٿلي وصولي عيوض قانون جا ڪن بہ لاٿار هزارين انساني قيمتي زندگيون داءَ تي لڳل جڏهن تہ تعلقي ٽنڊو غلام حيدر جي سمورن ننڍن وڏن شهرن اسٽاپن ۽ چوراهن توڙي ڀهراڙي واري ڳوٺن ۾ منشيات مين پڙي، گٽڪو، چرس، ۽ ڪچي شراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

غلام الله شهر ۾ پي ٽي آءِ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي، نعريبازي

نائب صدر سيد امجد شاهه، هوش محمد عباسي، جاويد لطيف ميمڻ ، ذوالفقار ڳاهو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

امپورٽڊ ۽ عوام دشمن حڪمرانن پاران ملڪ ۾ مهانگائي جو هڪ طوفان آندو ويو آهي: مظاهرين

ملڪ انتشار جي طرف هليو ويو آهي پر انهن ظالم ۽ عوام دشمن حڪمرانن جي ڪن تي جوءِ بہ نٿي چري

ٺٽو(ڊر) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي پاران پارٽي چيئرمين عمران خان جي هدايتن تي سڄي ملڪ وانگر غلام الله شهر ۾ بہ مهانگائي خلاف بس اسٽاپ ڪنيار واڙو کان ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مين بس اسٽاپ تائين شهر جو گشت ڪندي ڪڍي وئي جتي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ريلي کي خطاب ڪندي مقررين پاڪستان تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽو: غلام الله شهر ۾ پي ٽي آءِ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٿاڻو بولا خان بينظير انڪم
سپورٽ پروگرام وظيفو ملڻ لاءِ
عملو لٽڻ لڳو

ٿاڻو بولا خان (رپورٽر) تعلقي ٿاڻو بولا خان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو وظيفو حاصل ڪندڙ ٻارڙن لاءِ حڪومت طرفان اسڪالرشپ وظيفو ڏيڻ واري اعلان کان پوءِ تعلقي ٿاڻو بولا خان جي يوسين ٿاڻو احمد خان سري مول تونگ ٿاڻو بولا خان ڌماچ ۾ يوسين جو عملو غريب عوام کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شيخ پرڪيو پرسان اڳوڻي ايم اين اي نواب عبدالغني ٽالپر جي مان ۾ آجياڻو

نواب عبدالغني ٽالپر کي عبدالشڪور ڪشميري پاران سنڌ جي ثقافت موجب سنڌي ٽوپي ۽ لنگي جو تحفو پيش

ٽنڊومحمدخان تي منهنجي ڪوشش آهي تي ضلع چيئرمين منهنجي فرزند ازمير ٽالپر ٿئي: نواب عبدالغني ٽالپر

اها خوشخبري هتان جي عوام کي ملندي آخر ۾ سيني آيل مهمانن کي مانجهاندو پڻ ڪرايو ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو جي ڳوٺ علي بخش چانڊيو ۾ عبدالشڪور ڪشميري پاران اڳوڻي ايم اين اي پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ نواب عبدالغني ٽالپر جي مان ۾ آجياڻو رکيو ويو جنهن ۾ علائقي جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي آجياڻي ۾ مهمان خاص اڳوڻو ايم اين اي نواب عبدالغني ٽالپر کي عبدالشڪور ڪشميري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

**** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي****

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر 11 فيبروري 2023ع

سنڌ جو امن تباهه ٿي رهيو آهي

سنڌ جو امن تباهه ٿي رهيو آهي، ايئن ٿو لڳي ڪجهه سال اڳ جنهن ماضي جي حالتن مان سنڌ جان ڇڏائي هئي انهي ڏانهن ڪيس واپس ڌڪيو پيو وڃي. سنڌ ۾ هڪ وقت ۾ ڀهراڙين ۾ ڌاڙيل پيدا ڪيا ويا ته شهر دهشتگردن حوالي ڪيا ويا. ڪو ڏينهن خالي نه هوندو هو جڏهن اغوا جون وارداتون نه ٿينديون هيون يا شهرن مان لاش نه نڪرندا هئا پوءِ سرڪار فيصلو ڪيو ۽ آپريشن ڪري ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن مان سنڌ جي جان آجي ڪرائي وئي ته سنڌ وڃي ڪجهه سال سک جو ساهه کنيو. انهي جي باوجود به انهن ڌاڙيلن کي پناهه ڏيندڙ پاٿاريون مڪمل ختم نه ٿيون ته دهشتگرد پيدا ڪندڙ فيڪٽريون به وقت بوقت پنهنجي پراڊڪٽ پيدا ڪنديون رهيون. جنهن ڪري سنڌ کي نه رڳو جاني پر مالي نقصان به برداشت ڪرڻو پيو. سنڌ جون ڀهراڙيون ويران ٿي ويون ته شهرن مان صنعتون ۽ سرمايو ٻين صوبن يا ملڪن ڏانهن منتقل ٿي ويو. جنهن ڪري آسودي سنڌ ۾ نه رڳو روزگار جا ذريعا ختم ٿيا پر مهانگائي به وڌي ته ماڻهن جو گذران به مشڪل ٿيندو ويو. ڪجهه سالن جي محنت ۽ آپريشن ڪانپوءِ جڏهن سنڌ ورِي امن ڏانهن موٽڻ لڳي ته اهي قوتون ورِي سرگرم ٿي ويون آهن جيڪي سنڌ کي سکيو ساهه کڻڻ نه ٿيون ڏيڻ چاهين. هڪ دفعو ٻيهر سنڌ ۾ اهو ڌاڙيل فيڪٽر تيزي سان وڌڻ لڳو آهي جيڪو رڳو ڪجهه ڪچي جي علائقن تائين محدود ٿي ويو هو. هاڻي اهي ڌاڙيل ورِي شهرن جو رخ ڪن ٿا. اغوا جون وارداتون ٿين ٿيون. ڦرون ڪن ٿا ۽ ڦر مزاحمت تي ڳيرو قتل ٿي رهيا آهن.

هن هفتي دوران ٿي اغوا، ڦر ۽ ڦر مزاحمت تي قتل جون ايترين وارداتون ٿيون آهن جو لڳي ٿو ته سنڌ ۾ ڪو قانون يا انتظاميا نالي شيءِ ئي ناهي. ٺل مان هفتي دوران ڇهه ماڻهو اغوا ٿي ويا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ سکر مان انڪم ٽيڪس جي اسسٽنٽ ڪمشنر کي اغوا ڪيو ويو جنهن کي ٻئي ڏينهن پوليس بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي. ڪجهه ڏينهن اڳ ٿي سکر مان هڪ سياسي ڪارڪن جو ڳيا ڳيا ٿيل لاش مليو آهي. ٻه ڏينهن اڳ سکر ۾ ئي ڌاڙيلن ڦر مزاحمت تي هڪ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. ڪنڌڪوٽ مان ڌاڙيل ٻن ڄڻن کي اغوا ڪري ويا جيڪي 8 ڪلاڪن ڪانپوءِ بازياب ٿي ويا آهن. خانواهڻ ۾ بدامني کان تنگ ٿي شهرين شٽر بند هڙتال ڪري ڇڏي. جامشوري ۾ چئن شاگردن کان ڦر جي واردات ٿي جنهن خلاف احتجاج طور ڊرٽو هٽي انڊس هاءِ وي بند ڪيو ويو. اهي ۽ انهي قسم جون ڪوڙ وارداتون روز ڪنهن نه ڪنهن شهر مان رپورٽ ٿي رهيون آهن پر خاص ڪري اتر سڏجندڙ سنڌ جا ڪجهه ضلعا ته هن وقت ڏوهن ۽ ڏوهاري سرگرمين جو ڳڙهه بڻيل آهن. ڪجهه وقت اڳ تائين اهي ڌاڙيل آپريشن ۽ فورسز جي ڊپ سبب رڳو ڪچي جي به ڪجهه حصن تائين محدود ٿي ويا هئا پر ڪجهه وقت کان اهي ورِي شهرن تائين ۽ پڪي جي روڊن تي ڪارروايون ڪرڻ لڳا آهن ۽ انهن وٽ اهڙا جديد هٿيار آهن جو سنڌ جو وڏو وزير به اهو چوڻ تي مجبور ٿيو ته حيرت ٿي ٿئي ته اهڙا جديد هٿيار انهن ڌاڙيلن تائين ڪيئن پهچن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير کي حيرت ڪائڻ بدران اها جاچ ڪرڻ گهرجي ته انهن هٿيارن جي ڌاڙيلن تائين رسد ۾ ڪير ڪير ملوث آهي ته ڳالهه پڌري پٽ ظاهر ٿي پوندي. اسان سمجهون ٿا ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جو پلجڻ ڪنهن سرپرستي کانسواءِ ممڪن ئي ناهي. انهي ۾ فورسز جون اهي ڪاريون رڍون به ملوث آهن جيڪي ڏوهارين جون سهولتڪار بڻيل آهن ته ڪجهه علائقن جون بااثر شخصيتون به ملوث آهن جيڪي علائقي ۾ اثر ويهارڻ لاءِ اهڙن ڏوهارين کي استعمال ڪندا آهن ته انهن جا سياسي پارٽين ۽ چونڊيل نمائندن سان به واسطا هوندا آهن. مطلب ته سنڌ ۾ جيڪا هن وقت امن امان جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي انهي کي خراب ڪرڻ ۾ گهڻو ڪري انهن جو ئي هٿ آهي جيڪي ان کي سڌارڻ جا ذميوار آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن ڏوهارين ۽ ڏوهن کي مڪمل ختم ڪرڻو آهي ته انهن جون اهي پاڙون پٽيون پونديون جن جي وسيلي اهي بار بار اپري اچن ٿا ۽ سنڌ جو امن تباهه ڪن ٿا.

عمران خان جي ڊبل گيم

آئزڪ چوٽينر isaac chotiner

[ڪلڪ]
توهان ڪلي آهيا آهيو.

توهان کي اهو سمجهڻ گهرجي. منهنجي بيان کي ٽوڙي موڙي پيش ڪيو ويو مان سمجهان ٿو ٺيڪ. سڀ کان پهرين تقرير اردو ۾ هئي. جڏهن انهن ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، تڏهن اهو آواز ڏاڍو تلخ لڳو. جڏهن آمريڪا جا ماڻهو ڏاڍا حساس هئا. مان صرف اهو چئي رهيو هوس ته اسان پاڪستان ۾ پنهنجي تعليمي نظام ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. اسان کي اهو نوآبادياتي نظام ورثي ۾ مليو آهي، جتي پاڪستان ۾ اشرافيه طبقي کي انگريزي ميڊيم ۾ ۽ باقي اردو ۾ پڙهايو ويندو. تنهن ڪري، اسان تعليمي نظام کي هڪ ڪيو مون چيو. "ڏسو، ذهني غلامي جسماني غلاميءَ کان به بدتر آهي." مان ماڻهن کي رڳو اهو ٻڌائي رهيو هوس ته افغانستان پاڻ کي آزاد ڪيو آهي، پر اها ڪا خراب ڳالهه ناهي. اها ذهني غلامي جي مقابلي ۾ ڪجهه به ناهي. جنهن جا اسين شڪار آهيون. اها هڪ سٽ سڄي دنيا ۾ وائرل ٿي وئي. جيڪا حقيقت کان بلڪل مختلف هئي. انٽرويو جي شروعات ۾، توهان چيو ته. برطانيه وڃڻ کان پوءِ ۽ محسوس ڪيو ته اتي قانون جي حڪمراني آهي، توهان سوچيو ته پاڪستان ۾ ائين ڇو نه هجي؟ پر ڇا ان اهو سماجي مسئلن تي لاڳو ٿئي ٿو؟ توهان چيو آهي ته. جيڪڏهن هڪ عورت تمام ننڍو لباس پائي ٿي ته ان جو اثر "مرد تي ٿيندو جيستائين جو هو هڪ روبوٽ نه هجي." ۽، "اسان وٽ ڊسڪوٿيڪس نه آهن. اسان وٽ نائيٽ ڪلب نه آهن. تنهنڪري هتي زندگي گذارڻ جو هڪ مختلف طريقو آهي." توهان جنسي حملي ۽ جنسي زيادتي جي سببن بابت ڳالهائي رهيا هئا. جمهوري حڪومت جي باري ۾ توهان جي سوچ ۾ هڪ خاص آفاقيت نظر اچي ٿي. پر مان جڏهن توهان کان ثقافتي يا سماجي مسئلن بابت. ڇوڪرين جي تعليم بابت يا عورتن جي مردن سان ٿيندڙ بدسلوڪي بابت سوال پڇان ٿو ته مان ٻڌان ٿو ته ان ۾ ايتري آفاقيت ناهي ان کان ۾ وڌيڪ اهو آهي ته مختلف ثقافتون مختلف طريقي سان ڪنديون آهن. ان تي توهان جو ڇا خيال آهي؟

آئزڪ مان هڪ ڀيرو ٻيهر حيران آهيان مان صرف محسوس ڪريان ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن مغربي پريس شين کي اٿاريندي آهي. ڪنهن عورت تي جنسي ڏاڍائي جو الزام ڪيئن ٿو لڳائي سگهجي؟ مون کي ٻڌاءِ ته ڪو سمجهدار ماڻهو اهڙو احمقانه تبصرو ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ ڏسو، جنسي ڏاڍائي ڪندڙ کي هميشه الزام ڏنو ويندو آهي. هميشه. سادو. فل اسٽاپ. مان ڏوهن جا چارٽ ڏسي رهيو هوس، ۽ پوليس آفيسرن پاران مون کي رپورٽ ڪيل ڏوهن جي چارٽ مان ظاهر ٿئي ٿو ته منهنجي ملڪ ۾ جنسي ڏوهن جي حد کان گذري رهيا آهن. تنهنڪري اسان ان جي نتيجي تي پهچي ويا. ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟ ڪنهن عورت سان زيادتي ٿئي ٿي، ته ان کي زندگيءَ لاءِ نشانو بڻايو وڃي ٿو. پر اهو ان کان به وڌيڪ خراب آهي جڏهن ٻارن سان زيادتي ڪئي وڃي. جيڪو سڄي عمر ساڻن گڏ رهندي. جيڪي خيال سامهون آيا. اهي هي هئا ته هڪ ته اسان کي پنهنجي سماج ۾ فتني جي سطح کي هيٺ آڻڻ گهرجي. ڇو ته توهان وٽ تمام گهڻا مايوس ماڻهو آهن. هاڻي، اهو هاڻي سول سوسائٽي پاران اچي رهيو آهي. ۽ ٻئي ڳالهه اسان کي ٻارن سان زيادتي روڪڻ لاءِ اسڪولن ۾ ڪيئن تعليم ڏينداسين؟ ڪو به هڪ فتني تي غالب ايندو؟ عملي طور ان جو مطلب ڇا ٿيندو؟ فتنو اهو ناهي ته عورتون گهٽ ڪپڙن سان روڊن تي هلي رهيون هجن. فتنو سوشل ميڊيا آهي. موبائل فون تي ٻارن کي هاڻي اسان جي معلومات تائين رسائي آهي. پر، ساڳئي وقت، موبائل فونن تي فحش مواد جي سطح. ستن ۽ اٺن سالن جي ٻارن لاءِ دستياب آهي— انساني تاريخ ۾ ڪڏهن به ٻارن کي ان کي منهن نه ڏيڻو پيو هو. ڇا اهو به موڙي توڙي پيش ڪيو ويو جيڪو اوهان صحافي غريده فاروقي جي باري ۾ چيو هو جنهن کي پي ٽي آءِ جي جلسي ۾ حراسان ڪيو ويو هو. ڇا جي اميد رکي ٿي جيڪڏهن هوءَ. هڪ صحافي، مجبور ٿي پنهنجي رستي ۾ يا مردن جي جڳهن ۾ وڃي؟ نه. نه. اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر ته هئي. ڏسو. اسان جي معاشري ۾، اسان هئاسين. اها صرف هڪ خاص ريلي ۾ هوءَ جتي اهي سڀ مرد هئا. ۽ هوءَ ان ماڻهن جي ميڙ جي وچ ۾ هئي. اهو سڀ ڪجهه آهي. منهنجو مطلب آهي ته. جيڪو به پاڪستاني سماج کي ڄاڻي ٿو يا اڪثر قسم جي سماجن جهڙوڪ هندستان يا پاڪستان— جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي ان پوزيشن ۾ رکون ٿا ته توهان خطري ۾ پئجي ويندا. اهو صرف عام احساس آهي. ها. مردن جيڪڏهن ڪجهه به ڪري ته ان تي هر شيءِ" لاءِ الزام لڳايو ويندو. پر اهو پڻ ٻه طريقن سان ڪم ڪري ٿو توهان سڀني کي ڪرڻ گهرجي. اسان جي سماج ۾، عام طور تي. ماڻهو پاڻ کي ان پوزيشن ۾ رکڻ کان پاسو ڪندا آهن. اهو ايترو آسان آهي. اهو هڪ عورت تي ڪيئن لاڳو ٿيندو جيڪا هڪ صحافي آهي جيڪا ڪهاڻي کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي؟ مان هتي ٿورو پريشان آهيان. اهو لڳي ٿو ته توهان جي آخري بيان جي تضاد آهي.

آئزڪ!

جاري رکو.

آئزڪ. اسان وٽ هن ملڪ ۾ شاندار عورتون صحافي آهن. اهي تمام سٺو ڪم ڪري رهيون آهن. پر انهن کي پاڻ کي پوزيشن ۾ رکڻ جي ضرورت ناهي— ۽ مون کي صرف اهو چوڻ ڏيو، اها هڪ خاص صورتحال هئي جنهن بابت آئون ڳالهائي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته اسان اصل ۾ هن کي ان صورتحال مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجو ڀرپور تبصرو اهو هو ته توهان بنيادي سياسي حقن جي باري ۾ عالمگيريت جو اظهار ڪري رهيا آهيو، پر سماجي جڳهن بابت، عورتن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو، ڇوڪريون تعليم يافته آهن يا نه. ڇا توهان کي لڳي ٿو ته اهو غلط آهي؟

ڏسو. آئزڪ. جيڪڏهن توهان کي لڳي ٿو ته آمريڪا ۾، يا مغربي جمهوريتن ۾، يا مغربي يورپي ملڪن ۾، اسان جي ملڪ ۾، پاڪستان ۾، هندستان ۾، يا مسلمان ملڪن ۾— هتي ضابطا بلڪل مختلف آهن. ڪڏهن ڪڏهن مغربي صحافت سان مسئلو اهو ٿيندو آهي ته اهي اسان جي ملڪن ۾ وڃي ۽ توقع رکي ٿي ته توهان جي ملڪ ۾ به ائين ئي ٿيڻ گهرجي. اهو ائين نه آهي. مان اوهان کي ڪجهه سمجهايان ٿو پاڪستان ۾ اڃا به اڪثر شاديون طئي شده ڪرايون وڃن ٿيون. ۽ بندوبست ٿيل شاديون خاندانن جي وچ ۾ ٿينديون آهن. ان ڪري هن ملڪ ۾ نائيٽ ڪلبن يا ڊسڪوز يا ڪنهن به شيءِ ۾ وڃڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ۽ نه ئي ڇوڪريءَ سان ڇوڪرو ملاقات ڪري ٿو خاندان شادي ڪئي. ۽ هتي خاندانن جي ساک پڻ اهم آهي. تنهن ڪري، جڏهن خاندان جا ميمبر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي هميشه خاندان ۽ ڇوڪري يا ڇوڪرو جي ساک کي ڏسندا آهن. ملالا يوسفزئي ڇوڪرين جي تعليم بابت توهان جي تبصرن جو جواب ڏنو. هن چيو ته "مان طالبان جي ڇوڪرين جي تعليم تي پابندي جي خلاف وڙهندي تقريبن پنهنجي جان وڃائي ويٺي." طالبان جي ظلم خلاف آواز اٿارڻ تي هزارين پشتون ڪارڪن ۽ ممتاز ماڻهو جان وڃائي ويٺا ۽ لکين پناهگير بڻجي ويا. اسان طالبان جي نه پر پختونن جي نمائندگي ڪريون ٿا. مان سمجهان ٿو ته هوءَ اهو چئي رهي هئي ته ڪيترائي پختون ماڻهو ڇوڪرين جي تعليم جي حق ۾ آهن. ۽ اهي ان لاءِ وڙهي رهيا آهن. ۽ ان ڪري، اهو چوڻ ته هڪ خاص ڪلچر ان جي حمايت نٿو ڪري. اهو چوڻ آهي ته وڌيڪ قدامت پسند ثقافتن يا وڌيڪ قدامت پسند سماجن ۾ ماڻهو اندروني طور تي تبديلي لاءِ زور نٿا ڪن. مان اهو چوڻ نه ٿو چاهيان ته ڇوڪرين جي تعليم جهڙا خيال خالص مغربي آهن يا پوري دنيا جا ماڻهو اهو نٿا سمجهن ته اهي نظريا انهن جي سماجن تي به لاڳو ٿيڻ گهرجن. آئزڪ. شروع ۾، جڏهن مان ثقافتي فرق جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هوس. مان شادي جي نظام جهڙن شين جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هوس. منهنجو مطلب تعليم نه هو. ڏسو. اسان مان جيڪي پاڪستان کي سمجهن ٿا، اهي ڄاڻن ٿا ته اسان جي نبي جن جي مثال تي اسين عمل ڪري رهيا آهيون. انهن علم جي حصول کي مقدس فرض قرار ڏنو. تنهن ڪري ڇوڪرين جي تعليم نه هجڻ بابت هن بڪواس جو مذهب سان ڪو به تعلق ناهي. هي اسلام ناهي.

مان اهو نه چئي رهيو هوس. اسان سڀ چاهيون ٿا ته ڇوڪريون تعليم يافته ٿين. سڀني ثبوتن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته جيئن ماڻهون تعليم يافته ٿينديون آهن، صحت جي سنڀال بهتر ٿيندي آهي، ۽ پوءِ اسان وٽ گهٽ ٻار ٿيندا آهن. ان جا فائدا گهڻا آهن. طالبان کي ڇوڪرين جي تعليم نه ڏيڻ جو خيال ڪٿان آيو؟ يقين ڪريو، ان جو اسان جي مذهب سان ڪو به تعلق ناهي. اسان هن نظريي کي آفاقي بمقابله ٽوڙي مروڙي بابت ان خيال کي ڇهي رهيا آهيون. توهان کي اولهه ۾ تنقيد ڪئي وئي آهي ته چين جي مسلمان اويغور آبادي جي سلوڪ تي خاموش آهيو. ڇا اهو سڀ ڪجهه توهان جي ٻين خيالن سان ملڻ مشڪل آهي؟ توهان فلسطين جي باري ۾، ڪشمير جي باري ۾ فصيح طور تي ڳالهايو آهي. پر ڇا چين جي باري ۾ ڳالهائڻ ۾ توهان کي تڪليف ٿيندي آهي؟ جڏهن توهان هڪ ترقي پذير ملڪ آهيو. جڏهن توهان وٽ سؤ ملين ڪمزور ماڻهو آهن. اڌ غربت جي لڪير کان هيٺ ۽ اڌ ان جي مٿان. هڪ قيمتي جهٽڪو ٻين پنجاهه کي غربت جي لڪير کان هيٺ ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن توهان به سؤ 20 ڪروڙ عوام جا وزيراعظم بڻجي ويا آهيو ته توهان کي پنهنجي ڳالهه تي ڌيان ڏيڻو پوندو. چين ۾ اويغور بابت ڪو به اخلاقي بيان توهان جي ملڪ ۾ انهن ڪمزور ماڻهن جي زندگين کي متاثر ڪري سگهي ٿو مان هميشه چوان ٿو ته توهان وٽ ايتري دولتمند هجڻ جي آسائش آهي ته توهان ٻين ملڪن بابت اخلاقي بيان ڪري سگهو ٿا. جيئن ته ڪشمير پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ تڪراري علائقو آهي. اسان ان تي بيان ڏيون ٿا. اسرائيل تي پاڪستان جو بيان باني پاڪستان جو موقف هو ۽ ڪشمير ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان اسرائيل کي تسليم ڪريون ٿا ته پوءِ ڪشمير کي حق خودارادي يا وطن جو حق ڏيڻ تي زور ڏيڻ جي اخلاقي بنياد وڃائي ويهنداسين. مان انهن ٻن مسئلن تي بحث ڪريان ٿو پر. ڪو به مسئلو، جڏهن توهان وزير اعظم بڻجي ويندا آهيو. توهان کي ته بيان ڏيڻ جي نتيجن بابت سوچڻو پوندو. پاڪستان جو چين تي گهڻو پاڙي ٿو پاڪستان لاءِ بيان ڏيڻ. چينين جو اهڙي تنقيد جو تمام گهڻو حساس هجن. تمام مهانگو پئجي سگهي ٿو اهو ئي سبب آهي ته جڏهن آئون انساني حقن جي باري ۾ ڳالهائيندو آهيان ته مون کي چوندڻ گهرجي. مان صرف اهو سوچي رهيو هوس ته ڇا اهو توهان کي تمام تڪليف پهتي آهي. اهو ڏسي ته توهان ڪيئن اسلامو فوبيا کي هڪ عالمي مسئلو سمجهي رهيا آهيو مون ڏٺو ته ايراني انقلاب کان پوءِ، آمريڪا ۾ اسلام فوبيا وڌيو. مغربي دنيا ۾ اهو خوف پيدا ٿيو ته اهي اسلامي انقلاب مسلمان ملڪن کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ان کان پوءِ آيو سلمان رشدي ۽ "دي شيطاني آيتون". مغرب جا ماڻهو مسلمانن جي ردعمل کي سمجهي نه سگهيا. مان ان وقت انٽرنيشنل ڪرڪيٽ کيڏي رهيو هوس. تنهنڪري مون کي مغربي ذهن جي خبر هئي. مان سمجهي سگهيس ته مغرب جا ماڻهو ڇو نٿا سمجهن. ڇو ته مذهب بابت مغربي نظريو بلڪل مختلف آهي. ۽ پاڪستان ۾ اسان جي لاءِ، ڪمزور هجڻ ڪري، جيئن ته اسان معاشي حالت ۾ آهيون. اهو چوڻ بهتر آهي. جيئن اسين ڪڏهن ڪڏهن ڪرڪيٽ ۾ چوندا آهيون ته. "توهان کي هر بال کيڏڻ جي ضرورت ناهي. توهان ڪجهه ڊليوريز اسڪپ ڪري سگهو ٿا. ۽ اهو ئي مون ڪيو آهي. ماڻهو اهو چوڻ پسند ڪن ٿا ته توهان هڪ منافق آهيو ڇو ته توهان ڪيترائي ڀيرا شادي ڪئي آهي ۽ هڪ پلي بوائي جي زندگي گذاري. توهان اهو سڀ ڪجهه ٻڌو آهي. مون کي پڪ آهي. مون کي منافقت ۾ ايتري دلچسپي نه آهي. مون کي جنهن شيءِ ۾ دلچسپي آهي ته توهان بيان ڪيو آهي ته جيئن ماڻهو وڌيڪ قدامت پسند سماجن ۾ ملن ٿا. خاندانن سان شين جا فيصلا ڪن ٿا. اهو لڳي ٿو ته توهان وٽ زندگي ۾ ٻيا اختيار آهن. ڇا توهان خوش آهيو ته توهان کي اهي اختيار ڪرڻو پيو؟ توهان جي خيال ۾ اهو سبق ٿي سگهي ٿو يا نه؟ منهنجي زندگي. مان سمجهان ٿو هڪ منفرد زندگي آهي. جيڪا شايد ئي ڪنهن گذاري هجي— مان ڪيترن ماڻهن کي نه ٿو ڄاڻان. جيڪي منهنجي زندگي جي قيادت ڪري سگهن ها. اهو ٻن ثقافتن ۾ هو. بنيادي طور تي. انگلينڊ هڪ ٻيو گهر بڻجي ويو ڪيترن ئي ماڻهن کي به مختلف زندگيون گذارڻ جي تضاد تائين رسائي نه آهي. مان شايد مغرب ۾ پنهنجي ڪلچر کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ جي قابل آهيان ڇاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته اولهه اسان جي ثقافت کي ڪيئن ڏسندو آهي ۽. هتي جي ماڻهن کي. مان ٻڌائي سگهان ٿو ته اولهه ڇا آهي. هي منافقت جو سوال ناهي. اهو ارتقاءَ جو سوال آهي. ڇاڪاڻ ته مان انهن ٻن مختلف نظامن ۾ پليو ۽ وڌيو آهيان. منهنجو تجربو ڪنهن ٻئي کان بلڪل مختلف آهي. هي منافقت يا ڪنهن شيءِ جو سوال ناهي. اهو صرف ارتقا جو عمل آهي. مان انهن ٻن مختلف دنيان ۾ وڏو ٿيو آهيان ۽ ٻنهي کي سمجهي چڪو آهيان. هڪ ڀيرو ٻيهر، مون کي منافقت ۾ دلچسپي نه آهي. پر، جڏهن توهان ارتقا جي عمل کي چئو ٿا. توهان جو مطلب ڇا آهي؟ خير جيئن مان وڏو ٿيس، منهنجا خيال تبديل ٿيندا رهيا. ان کي بيان ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته مون شايد پاڻ کي ڪنهن ٻئي شخص کان وڌيڪ چيلينج ڪيو آهي جنهن کي مان ڄاڻان ٿو. ڇاڪاڻ ته. عام طور تي. هڪ پروفيشنل بين الاقوامي رانديگر. جڏهن توهان ڇڏي ڏيو ٿا. توهان کي باقي زندگي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ناهي هوندي. کيڏڻ بند ڪرڻ کان پوءِ، مون کي ڪجهه به ڪرڻو نه هو. بس ٽيليويزن تي ڪرڪيٽ بابت ڳالهائڻو هو وغيره. پر مون پاڻ کي چئلينج ڪيو. مون پهريون ڀيرو ملڪ جي سڀ کان وڏي خيراتي ڪينسر اسپتال (لاهور ۾) ٺاهڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ پي. پوءِ سياست ۾ داخل ٿيس. زندگي جو هڪ مختلف انداز. مون ڏٺو آهي ته جيڪي ماڻهو پاڻ کي چيلينج ڪندا آهن اهي جبل تي چڙهندڙن وانگر هوندا آهن. جيترو وڌيڪ اهي پاڻ کي چيلينج ڪندا آهن. اوترو ئي مٿاهين حاصل ڪندا آهن. وڌيڪ اهي ڏسندا آهن. تنهن ڪري توهان جا خيال تبديل ۽ ترقي ڪن ٿا ۽ اهو منهنجو مطلب آهي. تنهن ڪري. مون پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ چئلينج ڪيو آهي. مون ٻين ماڻهن کان وڌيڪ تجربو ۽ ترقي ڪئي آهي. توهان اهو چئي رهيا آهيو. ڇاڪاڻ ته توهان پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ چيلينج ڪيو آهي ۽ ٻين کان وڌيڪ ترقي ڪئي آهي، توهان جي زندگي گذارڻ جي آزاد زندگي توهان وٽ موجود آهي يا توهان کي دستياب هجڻ گهرجي، اهو نه ٺيڪ گهرجي. سڀني لاءِ دستياب آهي؟

صحيح—

توهان اهو چئي سگهو ٿا.

منهنجو مطلب آهي جڏهن توهان پاڻ کي چيلينج ڪندا آهيو جيئن مون ڪيو هو ۽ توهان پاڻ کان زندگي جا ٻه اهم سوال پڇندا رهو. جيڪي ڪجهه ماڻهو ڪندا آهن ۽ ڪجهه ڪڏهن به نه ڪندا آهن. پر خوش قسمت ماڻهو ڪندا آهن. وجود جو مقصد ڇا آهي ۽ ڇا ٿيندو آهي؟ اسان ڪڏهن مرندا آهيون؟— جواب صرف روحاني دنيا ۾ آهن. تنهن ڪري، زندگي ۾ توهان جي

هدايت تبديل ٿي.

هڪ قاتلاڻي حملي کان پوءِ، پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم طالبان بابت پنهنجي خيالن، فوج سان پنهنجي لاڳاپن، ۽ هو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ "ترقي يافته" ڇو آهي. ٽيهه سال اڳ عمران خان جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جي قومي ٽيم ڪرڪيٽ جو عالمي ڪپ کٽيو هو ۽ دنيا جي عظيم رانديگرن ۾ پنهنجو مقام مضبوط ڪيو هو ۽ 49 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿي ويو چئن سالن کان پوءِ 1996ع ۾ هن پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) نالي هڪ سياسي پارٽي قائم ڪئي ۽ سياسي ۽ ثقافتي مسئلن تي وڌيڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو. 2013 ۾ هن جي پارٽي واضح طاقت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن جو وڏو ڪارڻ خان جي مقبوليت جي هئي. ان کان پوءِ 2018 جي چونڊن ۾ پولنگ جي بي ضابطگين جي ڪري، ۽ پاڪستان جي فوج جي حمايت سان، جيڪا ملڪ تي ڊي فيڪٽو ڪنٽرول رکي ٿي، خان کي وزير اعظم طور چونڊيو ويو– يا ('منتخب' SELECTED) جيئن هن جا مخالف چوندا آهن. اهو هڪ شاندار عروج نتيجو هو پر ستم ظريفي سان ڀريل هو: خان آمريڪا جي دهشت گردي جي خلاف جنگ جو ڪليل مخالف رهيو هو ۽ ان سان وڙهڻ ۾ پاڪستان جي ٻه طرفي ڪردار، جڏهن ته ان سان گڏوگڏ ان جنگ ۾ آمريڪي اتحادي پاڪستان جي فوجي مدد کي قبول ڪرڻ (پاڪستاني فوج ٻه طالبان کي اقتدار ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪئي. (1990 واري ڏهاڪي ۾، ۽ ان وقت کان وٺي مختلف درجن تي پرورش ڪئي وئي آهي.) خان هڪ اهڙي پارٽي جي اڳواڻي ڪري ٿو جيڪا سماجي طور تي قدامت پسند بڻجي وئي آهي، پر هو بين الاقوامي طور تي ان لاءِ مشهور آهي جيئن ڪجهه ماڻهن هن کي "پلي بواءِ لائف اسٽائل" سڏيو آهي: ڪيترين ئي شادين شادي کان بغير ٻارن جي (اصطلاح "پلي بواءِ لائف اسٽائل" پاڻ ۾ هڪ مضحڪه خيزي جو احساس رکي ٿي، خان جي عورتن مخالف بيانن جي ڊگهي تاريخ کي ڏسندي، جيئن ته عورتن جي جنسي استحصال جا الزام انهن جي لباس تي لڳائڻ آهن خان طالبان جي باري ۾ پڻ مسلسل واضح طور تي همدردي وارو تبصرو ڪيو آهي. (2012 ۾، نيو يارڪ ۾ هڪ پروفائيل لاءِ، خان اسٽيو ڪول کي ٻڌايو ته "مون ڪڏهن به نه سوچيو ته طالبان پاڪستان لاءِ خطرو آهن" ان وقت تائين طالبان جا مختلف گروهن ۽ انهن جا اتحادي 40 هزار کان وڌيڪ پاڪستانين کي قتل ڪري چڪا هئا. خان جي وزارت عظميٰ عدم استحڪام جو شڪار هئي. سندس اقتدار جي پهرين سال دوران، پاڪستان جي معيشت تباهه ٿي وئي ۽ صحافين ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن تي حملا وڌي ويا. 2021 جي آخر تائين هو فوج کان دستبردار ٿي چڪو هو. جنهن سندس من پسند اڳواڻ کي بااختيار بڻائڻ کان انڪار ۽ ان جي آزاد طاقت جي بنياد کان خطرو هو گذريل سال پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي سربراهي ۾ پارٽين جو اتحاد قائم ڪيو ويو هو جنهن کي پاڪستان جا ٻه عظيم سياسي خاندانن (ڀٽو ۽ شريف) هلائي رهيا آهن— ترتيبوار بي اعتمادي جو ووٽ وٺڻ لاءِ گڏ ٿيا. جنهن خان کي عهدي تان هٽايو. خان عوامي سطح تي فوج تي تنقيد شروع ڪئي ۽ ڪارڙجي ويو اشتعالي واري ريلي جنهن دوران هن اقتدار ۾ واپس اچڻ جو عزم ڪيو نومبر ۾، ڪنهن خان کي ٽنگ ۾ گولي هڻين هن بنا ڪنهن ثبوت جي فوج سميت پنهنجي سياسي مخالفن تي الزام لڳايو ۽ نئين چونڊن ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. جيڪي هن زوال جي ڪري آهن اهو واضح ناهي ته ڇا خان جو تازو فوجي مخالف موقف— ان جي سڌي طرح حيران ڪندڙ— پاڪستاني سياست ۾ اداري جي غيرصحتمند ڪردار جي هڪ نئين سمجهه جي عڪاسي ڪري ٿو. يا خان صرف ناراض آهي ته فوج سندس حق ۾ ترازو جهڪائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي؟ خان ۽ مون تازو ئي زوم ذريعي ڳالهايو (گذريل هفتي، اسان جي گفتگو کان پوءِ، پشاور ۾ بم ڌماڪي ۾ سوين پاڪستاني مارجي ويا. پاڪستاني طالبان – افغان طالبان جي شاخ جنهن گذريل پندرهن سالن دوران پاڪستان ۾ تمام گهڻو تشدد ۽ تباهي مچائي آهي. سرڪاري طور تي ذميواري کان انڪار ڪيو. جيتوڻيڪ ان جي ڪجهه ميمبرن حملي جي دعوي کي قبول ڪيو) انٽرويو دوران، جنهن ۾ ڊگهائي ۽ وضاحت لاءِ ترميم ڪئي وئي، اسان ان تي بحث ڪيو ته سندس پاڪستاني فوج تي تنقيد جي پويان ڇا آهي. هو چين ۾ مسلمانن سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ تي خاموش ڇو رهيو؟ ان جي خيال ۾ پاڪستان کي طالبان سان گڏ ڪم ڪرڻ جا سبب ۽ ڇو اهي ٻين ماڻهن کان وڌيڪ "ترقي يافته" آهن. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ سياست ۾ اچڻ کان پوءِ پاڪستان لاءِ، توهان جو نظريو ڪيئن بدليو؟ مان سياست ۾ ان ڪري آيو هيس. ڇاڪاڻ ته مان ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ انگلينڊ جي يونيورسٽيءَ ۾ ويو هوس. مان اونهاري ۾ انگلينڊ ۾ پروفيشنل ڪرڪيٽ کيڏندو هوس. مان پاڪستان جي زندگيءَ جي ڀيٽ انگلينڊ جي زندگيءَ سان ڪري سگهان ٿو ۽ مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ٻه شيون هيون. هڪ فلاحي رياست پوءِ سڀ کان اهم، قانون جي حڪمراني، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ مارشل لا ۽ فوجي راڄ هو، جنهن جو مطلب هو ته فوج آئين ۽ قانون کان مٿاهين آهي. اڌ وقت، اسان وٽ اهي ٻه فريبي خاندان يعني مافيا خاندان— پاڪستان کي هلائي رهيا هئا.

*****

پَتنگن پَهُ ڪيو، مِڙيا مَتي مَچَ؛
پَسِي لَهسَ نه لِڇيا، سَڙيا مَتي سَچَ؛
سَندا ڳِچين ڳَچَ، وِچارن وِڃائِيا.

بقايا *** 01

اي ايف پي) جا دستاويز اسان کي ڏيون وڃن هن چيو ته معاهدو طئي ٿيڻ بعد طريقيڪار تحت آءِ ايم ايف کي تفصيل ڊيٽا پوندا آهن. آءِ ايم ايف ڳالهين ڪانپوءِ ايم اي ايف پي جو ڊرافٽ اڄ صبح مليو آهي. هاڻي سومر تي ورچوئل ميٽنگ ٿيندي جنهن ۾ شين کي اڳتي وڌايو ويندو. حڪومت ۽ معاشي ٽيم آءِ ايم ايف سان معاهدو مڪمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ناڻي واري وزير چيو ته موجودا حڪومت عمران خان جي پروگرام تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. اهو پروگرام عمران خان جو آهي هن جو چوڻ هو ته آءِ ايم ايف پئڪيج ۾ 170 ارب جا ٽيڪس لڳائڻا پوندا. نوان ٽيڪس لڳائڻ لاءِ مني بجيٽ آڻڻي پوندي. هاڻي ان حوالي سان آرڊيننس يا بل جا معاملا ڏسنداسين. اهي 170 ارب رپيا هلندڙ مالي سال ۾ پورا ڪرڻا آهن. آءِ ايم ايف سان 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس لڳائڻ. توانائي واري شعبي ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. پاڪستان کي آءِ ايم ايف جائزي ڪانپوءِ 1.2 ارب ڊالر ملڻ جي اميد آهي. هن چيو ته ته بجلي ۽ گيس سيڪٽر ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪري. پيٽرول ۽ ڊيزل تي ليوي 40 مان وڌائي 50 رپيا ڪرڻي پوندي. ناڻي واري وفاقي وزير چيو ته وفاقي حڪومت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي بجيٽ 360 ارب مان وڌائي 400 ارب رپيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ايل سيز کولڻ واري معاملي تي اسحاق ڊار چيو ته آءِ ايم ايف کان 5 کان 7 ملين ڊالر ملڻ بعد سمورو ڪاروبار شروع ٿي ويندو.

بقايا *** 02

خان جو وڪيل بابر اعوان ۽ پراسيڪيوٽر پيش ٿيو. پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل بابر اعوان چيو ته عمران خان زخمي آهي جنهن سبب هو پيش نٿو ٿي سگهي. عمران خان جي وڪيل طبي بنيادن تي پنهنجي موڪل جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست داخل ڪئي جنهن تي عدالت چيو ته عمران خان جي زمان پارڪ مان هڪ وڊيو جاري ٿي آهي جنهن ۾ هو پنڌ هلندي نظر اچي رهيو آهي. عدالت بابر اعوان کان پڇائو ڪيو ته اوهان پي ٽي آءِ چيئرمين جي مستقل ضمانت تي دليل ڏيو هو 15 فيبروري تي ايندو يا نه ايندو اسان ضمانت تي فيصلو ڏئي ڇڏينداسين. جنهن کان پوءِ عدالت اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست کي رد ڪندي ڪيس 15 فيبروري تي طلبي جي لاءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 15 فيبروري تائين ملتوي ڪندي عمران خان کي حاضري يقيني بنائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا *** 03

ڪرڻ درست عمل آهي؛ جسٽس منصور جو چوڻ هو ته ڪنهن تعين ٿيندو ته نيب قانون ۾ ترميمون عوامي مفاد ۽ اهميت جو ڪيس آهي؟ عوامي مفاد جو تعين ڇا عدالت ۾ ويٺل ٽن ججن کي ڪرڻو آهي؟ ڇا عوام نيب ترميمن خلاف ڌاهون ڪري رهي آهي؛ هن ريمارڪس ڏيندي چيو ته نيب ترميمن جو ڪهڙن بنيادي حقن سان ٽڪراءُ آهي، ان جي نشاندهي نه ڪئي وئي. هڪ شخص نيب ترميمن کي چئلينج ڪيو ممڪن آهي سندس پارٽي سان واسطو رکندڙ ٻيا ميمبرز انهن ترميمن جي حق ۾ هجن. وفاقي سرڪار جي وڪيل مخدوم علي خان چيو ته عمران خان چاهي ها ته نيب قانون ۾ ترميمن کي اسيمبلي ۾ شڪست ڏئي ٿي سگهيو. هن ڄاڻي واڻي پارليامنٽ خالي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته ان نڪتي تي عمران خان کان جواب وٺنداسين. ڇا رڳو ان بنياد تي عوامي مفاد جو ڪيس نه ٻڌون ته درخواست گذار جو ڪنڊڪٽ درست نه هو؟ پارليامينٽ جو بائيڪاٽ ڪرڻ پي ٽي آءِ جي سياسي حڪمت عملي هئي. ضروري ناهي ان جو ڪو قانوني جواز به هجي. پارلياماني ڪارروائي جو بائيڪاٽ سڄي دنيا ۾ ٿيندو آهي. شايد عمران خان کي خبر هئي ته هو پارليامنٽ ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي تنهنڪري هن عدالت جو رخ ڪيو ٻڌڻي دوران جسٽس اعجاز الاحسن چيو ته عدالت رڳو بنيادي حقن ۽ آئيني حدون اورانگهڻ وارن نڪتن جو جائزو وٺي رهي آهي. عمران خان جي ڪنڊڪٽ تي سوال اٿي ها جيڪڏهن ترميمن ذريعي ڪيس کي ذاتي فائدو ٿئي ها. ظاهري طور درخواست گذار جو نيب ترميمن سان ڪو ذاتي مفاد نٿو لڳي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 14 فيبروريءَ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 04

ويندي. هنن کي پنهنجي ٻڏندڙ سياست کي بچائڻ لاءِ پارليامينٽ جي سهاري جي ضرورت آهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ هن لکيو ته تحريڪ انصاف 8 مهينا قومي اسيمبلي مان استعيفائون منظور ڪرائڻ تي زور ڏنو. عمران خان وڏا دعويٰ ڪيا ته هو هن اسيمبلي کي تسليم نٿو ڪري تنهن ڪري هو ايوان ۾ نه ويندو. استعيفائون منظور ٿيڻ بعد هنن کي پارليامينٽ ياد اچي وئي آهي. وفاقي وزير چيو ته هنن کي استعيفائن واري معاملي تي سياست ڪرڻ تي به ناڪامي ٿيندي. استعيفائون منظور ٿيڻ بعد هنن زمان پارڪ کان يوٽرن وٺي واپس پارليامينٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هنن جي پارٽي جو نالو تحريڪ انصاف نه پر تحريڪ يوٽرن هجڻ گهرجي. شيري رحمان وڌيڪ چيو ته هي پارليامينٽ عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ نه پر عمران خان جي سياست کي بچائڻ لاءِ اچي رهيا آهن. پارليامينٽ ۾ اچڻ جو مقصد نگران حڪومت جي ڪمن ۾ مداخلت ۽ پارليامينٽ کي بدنام ڪرڻ آهي.

بقايا *** 05

وزير پاران ڄاڻايل بل پيش ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ اهو اسٽينڊنگ ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويو بل تي پي ٽي آءِ جي ايم پي اي خرم شير زمان سوال اٿاريندي چيو ته ڇا هي بل بئنڪن خلاف به آهي؟ جنهن تي سعيد غني چيو ته ڪمرشل بئنڪن سان اسٽيٽ بئنڪ ڊيل ڪري ٿي. اسان ان تي قانونسازي نٿا ڪري سگهون. جنهن بعد سنڌ اسيمبلي جو اجلاس 13 فيبروري سومر جي صبح ڏهه وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا *** 06

ته ترڪي کي اڪيلو نه ڇڏيندو لاهور ايئرپورٽ تي ترڪيه جي لاءِ امدادي سامان اماڻڻ جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف خطاب ڪندي چيو ته يقين آهي ته ترڪ ۽ شام جي عوام هن مشڪل وقت مان جلد نڪرندا. جنهن ڏينهن اهو سانحو ٿيو ان ڏينهن ترڪ صدر سان ڳالهه ٻولهه ٿي ڪيس تعاون جو يقين ڏياريو ساڳئي رات پاڪ آرمي جي ٽيم ترڪيه روانى ڪئي وئي. شهباز شريف چيو ته پاڪستان هن مشڪل وقت ۾ ترڪيه جي ڀيڻ ڀائرن سان گڏ بيٺل آهن. ترڪ ڀائرن جي مدد لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏينداسين. ترڪيه جي عوام سان همدردي جو اظهار ڪريون ٿا. هر طرف زلزلي جا خوفناڪ منظر نظر اچي رهيا آهن. ترڪي ۽ شام جا ماڻهو دليري سان اهڙين حالتن جو مقابلو ڪندي ٻاهر نڪرندا. پاڪستان جي 22 ڪروڙ عوام ترڪي ۽ شام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي. وزيراعظم چيو ته ترڪي ۽ شام ۾ هزارين ماڻهو فوت ۽ زخمي ٿيا آهن. ترڪيه ۽ شام ۾ ماڻهو ملبي مان پنهنجن پيارن جي لاش کي ڳولي رهيا آهن ترڪي ڏانهن پاڪستان جي امداد شروع ٿي چڪي آهي. اڄ 100 ٽن سامان ٽرڪ ذريعي روانا ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته جمعي جي نماز کان پوءِ پاڪستان جي عوام ترڪيه جي عوام لاءِ خصوصي دعائون ڪيون آهن. پاڪستان طرفان ترڪيه جي امداد جو سلسلو روزاني جاري رهندو. هن عوام، واپاري ۽ فلاحي ادارن کان امداد ڏيڻ جي لاءِ اڳيان وڌي حصو وٺڻ جي اپيل پڻ ڪئي. شهباز شريف چيو ته پنجاب جي وڏي وزير جو ٿورائتو آهيان جنهن 1122 جي ٽيم ترڪيه روانو ڪئي. 2005 جي زلزلي ۽ 2010 جي ٻوڏ ۾ ترڪيه پاڪستان جي ڪافي مدد ڪئي. ترڪيه ۽ شام جي ڀينرن ڀائرن جي اسان کي خدمت ڪرڻي آهي. وزيراعظم چيو ته چئني صوبن جي وڏن وزيرن کي گذارش آهي ته هر ضلعي ۾ عطيات سينٽر کوليا وڃن. روڪ جي صورت ۾ عطيات وزيراعظم فنڊ اڪائونٽ جمع ٿي ويندا. اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد 10 روپيه في شاگرد عطيو فنڊ ۾ جمع ڪرائين.

بقايا *** 07

آباد جي نجي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ مولانا فضل الرحمان جي مثاني مان پٿري ڪڍڻ لاءِ ڪامياب آپريشن ڪيو ويو ذريعن موجب ڪامياب آپريشن ڪانپوءِ مولانا فضل الرحمان جي طبعيت بهتر آهي.

بقايا *** 08

گهرو وزير شيخ رشيد جون ضمانتون واريون درخواستون ميجسٽريٽ ۽ سيشن عدالت مان رد ٿي چڪيون آهن جنهن کان پوءِ هن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت جي لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. شيخ رشيد طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آصف زرداري خلاف بيان تي منهنجي مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو سياسي انتقام جو نشانو بنائڻ جي لاءِ ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. آصف زرداري منهنجي خلاف ڪا به شڪايت ناهي ڪئي. ٽئين ڌر جي شڪايت تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته جيل ۾ آهيان هاڻ وڌيڪ جاچ جي لاءِ پوليس کي منهنجي ضرورت ناهي. مچلڪا جمع ڪرائڻ جي لاءِ به تيار آهيان ان ڪري منهنجي ضمانت منظور ڪئي وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ شيخ رشيد جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي 13 فيبروري تي ٿيندي.

بقايا *** 09

مارچ تي ڪرائي وڃي. اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ جي درخواست جو جائزو وٺي پنهنجو موقف اختيار ڪندي چيو ته اسان سٺ ڏينهن ۾ تندي چونڊ ڪرائڻ جا پابند آهيون. اليڪشن ڪميشن چيو ته تندي چونڊ 16 بدران 19 هين مارچ نٿي ٿي سگهي. اليڪشن ڪميشن طرفان صوبائي حڪومتن کي لکيو ويندو ته تندي چونڊ واري ڏينهن 16 مارچ تي موڪل جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا *** 10

انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن شروع ڪيو ويو ته ڌماڪو ٿيو باروڊي سرنگهه جي ڌماڪي سبب ميجر جواد ۽ ڪئپٽن صغير شهيد ٿي ويا آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن خلاف علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا *** 11

چوڌري چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدو اڃا تائين حتمي شڪل اختيار ناهي ڪري سگهيو ملڪ ۾ ناڻي جا ذخيرا ٽي بلين ڊالر کان گهٽ رهجي ويا آهن هن چيو ته ملڪ ۾ معاشي بحران سياسي بحران سبب پيدا ٿيو ۽ هاڻي اليڪشن ۾ دير سان اهڙو آئيني بحران پيدا ڪيو پيو وڃي. جنهن سان رياست لڏي ويندي. فواد چوڌري وڌيڪ لکيو ته ملڪ جي عوام کي هاڻي عدليا مان ئي اميد آهي. هاڻي ڏسڻو آهي ته ملڪ ۾ اليڪشن ٿيندي يا قومي تحريڪ هلندي. موجوده حڪمران جنرل رٽائرڊ ضياءَ الحق جي رستي هلڻ چاهين ٿا.

بقايا *** 12

حياتين کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ مصروف آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس چيو آهي ته امدادي پروگرام جي سربراهه ترڪيه، شام جو دورو ڪندو زلزلي متاثر علائقن ۾ ماڻهن کي مرڻ کان بچائڻ جي لاءِ هر ممڪن مدد جي ضرورت آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ترڪيه ۾ زلزلي سبب 17 هزار کان وڌيڪ جڏهن ته شام ۾ 3 هزار کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. زلزلي سبب ڊهي پٽ پيل عمارتن جي ملبي مان دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ جون اميدون به ختم ٿينديون پيون وڃن.

بقايا *** 13

تقلين گوندل خلاف زيادتي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته متاثر عورت جي طبي معائني بعد قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ايف آءِ آر موجب جاچ انچارج جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري تي متاثر عورت قلعي گجر سنگهه جي هوٽل تي وئي ويو ۽ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بدران سندس ساٿين سان گڏجي عورت کي شراب پياري زيادتي ڪيائين.

بقايا *** 14

23 جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو هو جڏهن ته منظور قادر سميت ٻين مفرور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پر ڪاميابي نه ملي سگهي. عدالت جاچ آفيسر جي رپورٽ تي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اڳوڻي ڊي جي منظور قادر سميت 4 جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو جن ۾ خير محمد، اسلام احمد ۽ عرفان قريشي شامل آهن. سپريم ڪورٽ جي حڪم تي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. منظور قادر ڪاڪا خلاف 2021 ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو. منظور قادر ڪاڪا تي نسلا ٽاور جو 262 اسڪوائر گز پلاٽ غيرقانوني طور الاٽ ڪرڻ جو الزام آهي.

بقايا *** 15

نٿو ملي سگهي حڪمران طور عمران خان جي فرعونيت ۽ اپوزيشن ليڊر طور سندس سازشون عروج تي رهيون ان نه سبق سکيو نه ٿي مڙيو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو به هي اقتدار جي بدلي ماضي ورجائڻ لاءِ تيار آهي آئين، اصولن، انصاف، قدرن ۽ جمهور سان ان جو ڪو به ڏيڻ وٺڻ نه آهي

بقايا *** 16

سميت ڪو به اڳواڻ اڳتي پارٽي پاليسي کان هٽي ڪري بيان نه ڏئي. هر اڳواڻ بيان ڏيڻ وقت پارٽي پاليسي کي لازمي نظر ۾ رکي. مريم نواز خبردار ڪندي چيو ته جيڪو به پارٽي پاليسي خلاف ويندو، ان خلاف سخت ايڪشن ورتو ويندو. ذريعن موجب ڪيپٽن (ر) صفدر کي ان کان پهريان به پارٽي پاليسي کان هٽي ڪري بيان ڏيڻ تي شوڪاز نوٽيس جاري ٿي چڪو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مريم نواز چيف آرگنائيزر طور پارٽي پاليسي جو باضابطا هدايت نامو پڻ جلد جاري ڪندي.

بقايا *** 17

سان ڪيل ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل ڪالم تي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي. شوڪت ترين جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا سان ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل ڪالم تي ردعمل ڏيندي چيو ته ڪيس يقين نٿو اچي ته جنرل باجوا اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته 31 مارچ 2022ع تي مون ريڪوڊڪ ڊيل کي فائنل ڪئي ته جنرل صاحب مون کي هيرو قرار ڏنو هو. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ڪالم نگار موجب اڳوڻي آرمي چيف دعويٰ ڪئي ته فيض حميد نيب ڪيس ختم ڪرائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. اڳوڻي آرمي چيف جو اهو تاثر حقيقت جي خلاف ۽ کل جوڳو آهي.

بقايا *** 18

22 هزار رپيا ۽ جي آر 150 سي سي جي قيمت 4 لک 51 هزار رپيا ٿي وئي. اهڙي ريت جي ڊي 110 ايس جي قيمت ۾ 26 هزار، جي ايس 150 جو 29 هزار، جي ايس ايڪس 125 جو 38 هزار ۽ جي ايس ايڪس 150 جي قيمت ۾ 38 هزار جي واڌ ڪئي وئي آهي. سوزوڪي پاڪستان موٽر سائيڪلن جي اگهن ۾ واڌ جو سبب خام مال جي مهانگائي ۽ ڊالر جي اگهه ۾ واڌ کي قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 19

ويو آهي ته سمورن شعبن تي ٽيڪس کي هم آهنگ ڪرڻ سان معيشت ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. رئيل اسٽيٽ بدران مئنيوفيڪچرنگ ۽ تجارتي شعبي کي بهتر ڪيو وڃي، برآمد مخالف روين کي ختم ڪيو وڃي. عالمي بئنڪ طرفان عورتن جي ليبر فورس ۾ شموليت کي وڌائڻ جي به تجويز ڏني وئي آهي. رپورٽ ۾ جنرل سيلز ٽيڪس کي هم آهنگ ڪرڻ ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ڪرڻ پاڪستان لاءِ ضروري آهي.

بقايا *** 20

نيگري سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پوليس موقعي تي پهچي فوتين ۽ زخمي کي سول اسپتال ٽنڊو محمد خان ڪٺائي وئي. جتي زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. ياد رهي ته موٽرسائيڪل سوار افضل کبر پنهنجي گهر ڀاتين کي ٽنڊو محمد خان کان پنهنجي ڳوٺ جهوڪ شريف ڪٺي وڃي رهيو هو ته رستي ۾ روڊ حادثو پيش آيو.

بقايا *** 21

ٿيا جڏهن ته جيئري ڪڪڙ جي في ڪلو قيمت ۾ 26 رپيا 94 پئسا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. باسمتي چانور ڇهه رپيا ٽيهه پئسا في ڪلو ڪيلاءِ وڌي اٺ رپيا بياسي پئسا ۽ ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 103 رپيا 87 پئسا مهانگو ٿيو انڪانسواءِ اڍائي ڪلو وارو گيهه جو ڏٻو 35 رپيا 68 پئسا، ماش جي دال 9 رپيا 62 پئسا، ٽوم ٽي رپيا 87 پئسا في ڪلو. مڱن جي دال ڇهه رپيا 4 پئسا. چڻن جي دال چار رپيا 77 پئسا مهري جي دال ٽي رپيا 39 پئسا في ڪلو مهانگي ٿي شماريات کاتي جي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هلندڙ هفتي بصر 24 رپيا 27 پئسا، ٽماٽا ٽي رپيا ست پئسا في ڪلو سستا ٿيا جڏهن ته آٽي جي في وزن اگهه ۾ ڏهه رپيا 21 پئسا لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي شماريات کاتي موجب هلندڙ هفتي دوران سترنهن عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ استحڪام رهيو.

بقايا *** 22

نه آهي آسڪر لاءِ شارٽ لسٽ پنهنجي فلم (اسٽرينجر ايٽ دي گيٽ) جي اسڪريننگ ۾ شرڪت جي موقعي تي هڪ انٽرويو ۾ ملالا يوسفزئي چيو ته پاڪستان ۾ وڌندڙ عسڪريت پسندي جي خلاف قيادت امن لاءِ گڏ ٿي وڃي سياسي ۽ مذهبي قيادت دهشتگردي ۽ عسڪريت پسند سميت طالبان کي رد ڪري ڇڏي ملالا يوسفزئي چيو ته اسلام جو نالو وٺندي انتهاپسند سوچ جي خلاف گڏجي ويڙهه وڙهي وڃي طالبان جي خلاف گڏ ٺيڪو پوندو ڪين ٻڌائڻو پوندو ته اسلام ۾ دهشتگردي جي ڪائي گنجائش نه آهي طالبان کي اسان جي روايتن، قدرن ۽ اسلام کي استعمال ڪرڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي پنهنجي دستاويزي فلم جي حوالي سان ڳالهائيندي ملالا يوسفزئي ٻڌايو ته فلم جي ايگزيڪيوٽو پروڊيوسر بڻجڻ جو فيصلو ان لاءِ ڪيو ته اسان هم آهنگي ۽ معافي جي پيغام کي عام ڪري سگهون.

بقايا *** 23

جو اظهار ڪيو انٽرويو دوران راجا رياض سميت پي ٽي آءِ جي باغي ميمبرن جي ن ليگ سان هٿ ملائڻ بابت سوال جي جواب هن چيو ته حالتون ڪهڙيون به هجن. جيل يا نيب جو مقابلو ڪرڻو پوي، وفاداري تبديل نه ڪرڻ گهرجي. اهو مناسب نه هو ته عمران خان جي ٽڪيٽ تي کٽي اسان وٽ هليا اچو. مان اهڙي عمل جي خلاف آهيان. هن چيو ته ووٽ کي عزت ڏيو وارو بيانيو ڀريان مضبوط هو. پر اسان ووٽ کي ان ڏينهن بعزتو ڪري ڇڏيو جنهن ڏينهن آرمي چيف جنرل باجوا کي ملازمت ۾ واڌ ڏيڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. هاڻي اهو ووٽ کي عزت ڏيڻ وارو نظريو نه هلندو. اسان ان نعري کي دفن ڪري ڇڏيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پرويز رشيد کانسواءِ ن ليگ جو هر شخص ڏوهاري آهي جنهن ووٽ ڏنو. سڀ لالچي آهن. ميان نواز شريف آرمي چيف جي ملازمت ۾ واڌ جي مخالف چوڻ ڪئي واري سوال جي جواب ۾ سندس چوڻ هو ته نواز شريف کي ورغلايو ويو. سائس ڪوڙ ڳالهايو ويو ۽ ٺڳي ڪئي وئي. ڪيس آهي ٿي ماڻهو ورغلائي رهيا هئا جيڪي نواز شريف کي ٻيرين پوندا هئا ته ووٽ ڏينداسين ته هيئنش ٿيندو يا هوئنش ٿيندو. نواز شريف کي ٻڌائڻ گهرجي ڪنهن اهو غلط فيصلو ڪرايو هو هن شرمساري جو اظهار ڪندي چيو ته عمران خان جي ذاتي زندگي تي حملو نه ڪرڻ گهرجي ها. اسان جي پارٽي ۾ ڪجهه ماڻهو آهن جيڪي تنظيم سازي ۾ وڪوڙجي ويا. ڪجهه اڳهاڙا پڪڙيا ويا. هر پاسي گند پکڙيل آهي. پر سياست جو مقابلو سياست سان ڪرڻ گهرجي. پنهنجي گهرواري جي وزيراعظم بڻجڻ واري سوال جي جواب ۾ ڪيپٽن صفدر چيو ته ويجهي مستقبل ۾ ته مونکي وزيراعظم ٿيندي نظر نه پئي اچي. ڇاڪاڻ ته حالتون اهڙيون آهن.

بقايا *** 24

رهيا آهن ۽ لوڪل گورنمينٽ جي مسئلن جو معائنو ڪري انهن جي حل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. انفراسٽرڪچر. جنهن جا اثر پڻ ظاهر ٿي رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن فوڪل پرسن امتياز ڀٽو، سپرنٽينڊنگ انجنيئر سلمان ميمڻ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر جمال عباس، ڊائريڪٽرز الاهي بخش ٻنڀڻ، چام رضوان، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊي ايم ارشاد علي ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ گلشن اقبال جي مختلف بلاڪن ۽ ٻين پرهاسي وارن هنڌن تي ڳالهائيندي ڪيو. ترقياتي ڪمن جي معائني دوران، هن چيو ته روڊن جي نيٽ ورڪ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ روزاني جي بنياد تي مختلف هنڌن تي ڪم ڪيو پيو وڃي. سبزي جو فروغ وقت جي اهم ضرورت آهي. انفراسٽرڪچر جي بهتري جي ڪم سان گڏ گريني جو ڪم به ان حساب سان ٿيڻ گهرجي. جنهن سان ماحولياتي ۽ موسمي خرابين کان بچي سگهجي ٿو سبزي ۽ ٻوٽن کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته روڊن جي تعمير ۽ سار سنڀال تي ڌيان ڏنو پيو وڃي، سينٽرل آئيلينڊ ۽ گرين بيلٽس کي روڊن تي سبز رکڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي. هن موجود آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن ۾ معيار ۽ ٽيڪنيڪل صلاحيتن کي نظر ۾ رکندي ڪم سرانجام ڏنو وڃي. ان موقعي تي ان سان گڏ مقامي معززين پڻ موجود هئا.

بقايا *** 25

دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو امجد اسلام امجد جي گهر ڀاتين سندس لاڏاڻي جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. گهر ڀاتين موجب امجد اسلام امجد دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو آهي. امجد اسلام امجد 4 آگسٽ 1944ع تي لاهور ۾ پيدا ٿيو هن 1967ع ۾ پنجاب يونيورسٽي مان ايم اي (اردو) ڪيو 1988 کان 1975 تائين ايم اي او ڪاليج لاهور جي اردو واري شعبي ۾ استاد رهيو ۽ آگسٽ 1975ع ۾ امجد اسلام امجد کي پنجاب آرٽ ڪائونسل جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو 90 جي ڏهاڪي ۾ امجد اسلام امجد جون خدمتون ٻيهر تعليم کاتي جي حوالي ڪيون ويون ۽ هو ٻيهر ايم اي او ڪاليج ۾ ئي درس واري شعبي سان جڙي ويو امجد اسلام امجد شاعر، ڊرامه نگار جي حيثيت سان شهرت حاصل ڪئي. سندس مشهور ڊرامن ۾ وارث ۽ فشار شامل آهن. امجد اسلام امجد کي ستاره امتياز سميت ڪيترن ئي ايوارڊن سان پڻ نوازيو ويو

بقايا *** 26

آهي. درخواست محمد خان ڀٽي جي نائي وڪيل عمر افتخار ڀٽي داخل ڪئي آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته محمد خان ڀٽي ڇهه فيبروريءَ تي متياري ويجهو گم ٿي ويو. مٿس تشدد جو خدشو آهي. ڪيس فوري طور عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. عدالت آءِ جي سنڌ، ڊي جي رينجرز ۽ گهرو وزارت کان ڏينهن اندر جواب طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا *** 27

مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 17 ڊالر لاٿ بعد 1865 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 28

ريزيڊنٽ مشن جي ڪنٽري ڊائريڪٽر يانگ اي ڪري رهيو هو صوبائي صلاحڪار وفد جي شرڪت ڪندڙن کي صوبي ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي آگاهي ڏني ۽ ٻڌايو ته انهن مان اڪثر ترقياتي اسڪيمون مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن ۽ فعال ٿيڻ جي طرف آهن. جنهن سان سنڌ جي عوام کي روزگار جا موقعا ۽ بهتر زندگي گذارڻ جا موقعا ملندا. هن چيو ته انهن اسڪيمن ۾ صحت سان لاڳاپيل منصوبن تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي جيڪي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي ڏس ۾ آيندين آهن. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وفد سنڌ حڪومت جي ويزن جي واکاڻ ڪندي انهن منصوبن جي تعريف ڪئي ۽ سنڌ حڪومت جي شفافيت ڪارڪردگي جي ساراهه جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 29

پراجيڪٽ ايڊمنسٽريشن مسٽر دنيش آر شيواڪوٽي، يونٽ هيڊ اربن، واٽر اينڊ ايمرجنسي اسسٽنٽ ميان شوڪت شفيع، سينيئر موسمياتي تبديلي جو ماهر مسٽر تائن ريو ۽ سينيئر پورٽ فوليو مئنيجمينٽ آفيسر خرم بٽ شرڪت ڪئي جڏهن ته وڏي وزير جي معاونت چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي ۽ پيپلز هائوسنگ پروجيڪٽ جي سي اي او خالد شيخ ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي شهر ۾ شروع ڪيل پيپلز بس سروس گهڻو تبديلي آندي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ماڻهو ان جي سفر مان لطف وٺي رهيا آهن تنهنڪري تعمير هيٺ بي آر ٽي منصوبو مڪمل ٿيڻ تائين ان سروس لاءِ وڌيڪ اليڪٽرڪ بسون خريد ڪيون وڃن. ان تي اي ڊي بي جي ڪنٽري هيڊ وڏي وزير کي ان تجويز جي حمايت ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ان ڪري اي ڊي بي جي لاڳاپيل سيڪٽر آفيسرن ۽ پي اينڊ ڊي عملدارن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي جيڪا منصوبي جي ڪاغذي ڪارروائي کي حتمي شڪل ڏيندي. بي آر ٽي ريڊ لائين: مليرهالٽ کان نمائش ڪوريڊور تائين 26.6 ڪلوميٽر ڊگهو بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبو 78.38 ارب رپين جي لاڳت سان شروع ڪيو ويو آهي. وڏي وزير چيو ته ان منصوبي سان شهر ۾ زندگي جو معيار بهتر ٿيندو جيئن هتي جا ماڻهو معياري پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪرڻ شروع ڪندا. فلڊ ايمرجنسي جي بحالي وارو منصوبو: صوبائي ۽ ضلعي روڊن جي تعمير لاءِ 220 ملين ڊالرن جو سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريڪنسٽرڪشن پروجيڪٽ شروع ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ ايشيائي بئنڪ جو حصو 200 ملين ڊالر ۽ سنڌ حڪومت جو حصو 20 ملين ڊالر هوندو. پروجيڪٽ ۾ ٻوڏ کان متاثر ٿيل روڊن جو سڌارو/ بحالي شامل آهي جيڪي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ويجهي آبادين کي ڳنڍيندا آهن. چيئرمين پي اينڊ ڊي چيو ته منصوبي کي پي ڊي ڊبليو پي ۽ ايڪنڪ پاران ڪليئر ڪيو ويو آهي. تعليم جي سڌاري وارو منصوبو: سنڌ جي وڏي وزير ۽ دوري تي آيل وفد 82.5 ملين ڊالرن جي سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پروجيڪٽ (SSEIP) تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جنهن جو مقصد سڀني کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته منصوبي تي ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. منصوبي تحت 500 اسڪولن جي ليبز کي ٽيڪنيڪل سامان فراهم ڪيو ويندو. استادن جي گنجائش کي وڌائڻ سميت امتحاني نظام کي بهتر بڻايو ويندو ۽ 160 اسڪولن جو انفراسٽرڪچر ٺاهيو ويندو. چيئرمين پي اينڊ ڊي حسن نقوي منصوبي جي اڳڀرائي بابت آگاهي ڏيندي چيو ته 10 ضلعن ۾ موجود پرائمري اسڪولن ۾ 160 سيڪنڊري اسڪول بلاڪ قائم ڪيا ويندا ته جيئن پرائمري ۽ پوسٽ پرائمري تعليم جي وچ ۾ موجود خال کي پرڀيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته 200 اسڪولن جو دورو ڪيو ويو جن مان 116 جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ته جيئن ڪانٽريڪٽرن کي اضافي بلاڪن جي تعمير لاءِ ڪم ڪري سگهجي. پي پي پي پروجيڪٽ: هڪ ٻيو منصوبو جنهن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي اها هئي اينهانسمينٽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽ' منصوبي جو مقصد صوبائي حڪومت جي پي پي پي منصوبن کي چونڊڻ واري صلاحيت کي وڌائڻ ۽ پي پي پي منصوبن سان لاڳاپيل مالي مسئلن کي مؤثر طريقي سان منظم ڪرڻ آهي. چيف سيڪريٽري دوري تي آيل وفد کي ٻڌايو ته تعليم سان لاڳاپيل منصوبن ۾ سهڪار لاءِ پي پي پي جي مدد جي سهولت قائم ڪئي وئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ملير ايڪسپريس وي ۽ گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ جا منصوبا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي پاليسي بورڊ جي منظوري ڪانپوءِ شروع ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 30

اي ايف پي) جا دستاويز اسان کي ڏيون وڃن هن چيو ته معاهدو طئي ٿيڻ بعد طريقيڪار تحت آءِ ايم ايف کي تفصيل ڊيٽا پوندا آهن. آءِ ايم ايف ڳالهين ڪانپوءِ ايم اي ايف پي جو ڊرافٽ اڄ صبح مليو آهي. هاڻي سومر تي ورچوئل ميٽنگ ٿيندي جنهن ۾ شين کي اڳتي وڌايو ويندو. حڪومت ۽ معاشي ٽيم آءِ ايم ايف سان معاهدو مڪمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ناڻي واري وزير چيو ته موجودا حڪومت عمران خان جي پروگرام تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. اهو پروگرام عمران خان جو آهي هن جو چوڻ هو ته آءِ ايم ايف پئڪيج ۾ 170 ارب جا ٽيڪس لڳائڻا پوندا. نوان ٽيڪس لڳائڻ لاءِ مني بجيٽ آڻڻي پوندي. هاڻي ان حوالي سان آرڊيننس يا بل جا معاملا ڏسنداسين. اهي 170 ارب رپيا هلندڙ مالي سال ۾ پورا ڪرڻا آهن. آءِ ايم ايف سان 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس لڳائڻ. توانائي واري شعبي ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. پاڪستان کي آءِ ايم ايف جائزي ڪانپوءِ 1.2 ارب ڊالر ملڻ جي اميد آهي. هن چيو ته ته بجلي ۽ گيس سيڪٽر ۾ گردشي قرضن کي ختم ڪري. پيٽرول ۽ ڊيزل تي ليوي 40 مان وڌائي 50 رپيا ڪرڻي پوندي. ناڻي واري وفاقي وزير چيو ته وفاقي حڪومت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي بجيٽ 360 ارب مان وڌائي 400 ارب رپيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ايل سيز کولڻ واري معاملي تي اسحاق ڊار چيو ته آءِ ايم ايف کان 5 کان 7 ملين ڊالر ملڻ بعد سمورو ڪاروبار شروع ٿي ويندو.

بقايا *** 31

جو اظهار ڪيو انٽرويو دوران راجا رياض سميت پي ٽي آءِ جي باغي ميمبرن جي ن ليگ سان هٿ ملائڻ بابت سوال جي جواب هن چيو ته حالتون ڪهڙيون به هجن. جيل يا نيب جو مقابلو ڪرڻو پوي، وفاداري تبديل نه ڪرڻ گهرجي. اهو مناسب نه هو ته عمران خان جي ٽڪيٽ تي کٽي اسان وٽ هليا اچو. مان اهڙي عمل جي خلاف آهيان. هن چيو ته ووٽ کي عزت ڏيو وارو بيانيو ڀريان مضبوط هو. پر اسان ووٽ کي ان ڏينهن بعزتو ڪري ڇڏيو جنهن ڏينهن آرمي چيف جنرل باجوا کي ملازمت ۾ واڌ ڏيڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. هاڻي اهو ووٽ کي عزت ڏيڻ وارو نظريو نه هلندو. اسان ان نعري کي دفن ڪري ڇڏيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پرويز رشيد کانسواءِ ن ليگ جو هر شخص ڏوهاري آهي جنهن ووٽ ڏنو. سڀ لالچي آهن. ميان نواز شريف آرمي چيف جي ملازمت ۾ واڌ جي مخالف چوڻ ڪئي واري سوال جي جواب ۾ سندس چوڻ هو ته نواز شريف کي ورغلايو ويو. سائس ڪوڙ ڳالهايو ويو ۽ ٺڳي ڪئي وئي. ڪيس آهي ٿي ماڻهو ورغلائي رهيا هئا جيڪي نواز شريف کي ٻيرين پوندا هئا ته ووٽ ڏينداسين ته هيئنش ٿيندو يا هوئنش ٿيندو. نواز شريف کي ٻڌائڻ گهرجي ڪنهن اهو غلط فيصلو ڪرايو هو هن شرمساري جو اظهار ڪندي چيو ته عمران خان جي ذاتي زندگي تي حملو نه ڪرڻ گهرجي ها. اسان جي پارٽي ۾ ڪجهه ماڻهو آهن جيڪي تنظيم سازي ۾ وڪوڙجي ويا. ڪجهه اڳهاڙا پڪڙيا ويا. هر پاسي گند پکڙيل آهي. پر سياست جو مقابلو سياست سان ڪرڻ گهرجي. پنهنجي گهرواري جي وزيراعظم بڻجڻ واري سوال جي جواب ۾ ڪيپٽن صفدر چيو ته ويجهي مستقبل ۾ ته مونکي وزيراعظم ٿيندي نظر نه پئي اچي. ڇاڪاڻ ته حالتون اهڙيون آهن.

بقايا *** 32

ته ترڪي کي اڪيلو نه ڇڏيندو لاهور ايئرپورٽ تي ترڪيه جي لاءِ امدادي سامان اماڻڻ جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف خطاب ڪندي چيو ته يقين آهي ته ترڪ ۽ شام جي عوام هن مشڪل وقت مان جلد نڪرندا. جنهن ڏينهن اهو سانحو ٿيو ان ڏينهن ترڪ صدر سان ڳالهه ٻولهه ٿي ڪيس تعاون جو يقين ڏياريو ساڳئي رات پاڪ آرمي جي ٽيم ترڪيه روانى ڪئي وئي. شهباز شريف چيو ته پاڪستان هن مشڪل وقت ۾ ترڪيه جي ڀيڻ ڀائرن سان گڏ بيٺل آهن. ترڪ ڀائرن جي مدد لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏينداسين. ترڪيه جي عوام سان همدردي جو اظهار ڪريون ٿا. هر طرف زلزلي جا خوفناڪ منظر نظر اچي رهيا آهن. ترڪي ۽ شام جا ماڻهو دليري سان اهڙين حالتن جو مقابلو ڪندي ٻاهر نڪرندا. پاڪستان جي 22 ڪروڙ عوام ترڪي ۽ شام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي. وزيراعظم چيو ته ترڪي ۽ شام ۾ هزارين ماڻهو فوت ۽ زخمي ٿيا آهن. ترڪيه ۽ شام ۾ ماڻهو ملبي مان پنهنجن پيارن جي لاش کي ڳولي رهيا آهن ترڪي ڏانهن پاڪستان جي امداد شروع ٿي چڪي آهي. اڄ 100 ٽن سامان ٽرڪ ذريعي روانا ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته جمعي جي نماز کان پوءِ پاڪستان جي عوام ترڪيه جي عوام لاءِ خصوصي دعائون ڪيون آهن. پاڪستان طرفان ترڪيه جي امداد جو سلسلو روزاني جاري رهندو. هن عوام، واپاري ۽ فلاحي ادارن کان امداد ڏيڻ جي لاءِ اڳيان وڌي حصو وٺڻ جي اپيل پڻ ڪئي. شهباز شريف چيو ته پنجاب جي وڏي وزير جو ٿورائتو آهيان جنهن 1122 جي ٽيم ترڪيه روانو ڪئي. 2005 جي زلزلي ۽ 2010 جي ٻوڏ ۾ ترڪيه پاڪستان جي ڪافي مدد ڪئي. ترڪيه ۽ شام جي ڀينرن ڀائرن جي اسان کي خدمت ڪرڻي آهي. وزيراعظم چيو ته چئني صوبن جي وڏن وزيرن کي گذارش آهي ته هر ضلعي ۾ عطيات سينٽر کوليا وڃن. روڪ جي صورت ۾ عطيات وزيراعظم فنڊ اڪائونٽ جمع ٿي ويندا. اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد 10 روپيه في شاگرد عطيو فنڊ ۾ جمع ڪرائين.

بقايا *** 33

رهيا آهن ۽ لوڪل گورنمينٽ جي مسئلن جو معائنو ڪري انهن جي حل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. انفراسٽرڪچر. جنهن جا اثر پڻ ظاهر ٿي رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن فوڪل پرسن امتياز ڀٽو، سپرنٽينڊنگ انجنيئر سلمان ميمڻ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر جمال عباس، ڊائريڪٽرز الاهي بخش ٻنڀڻ، چام رضوان، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊي ايم ارشاد علي ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ گلشن اقبال جي مختلف بلاڪن ۽ ٻين پرهاسي وارن هنڌن تي ڳالهائيندي ڪيو. ترقياتي ڪمن جي معائني دوران، هن چيو ته روڊن جي نيٽ ورڪ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ روزاني جي بنياد تي مختلف هنڌن تي ڪم ڪيو پيو وڃي. سبزي جو فروغ وقت جي اهم ضرورت آهي. انفراسٽرڪچر جي بهتري جي ڪم سان گڏ گريني جو ڪم به ان حساب سان ٿيڻ گهرجي. جنهن سان ماحولياتي ۽ موسمي خرابين کان بچي سگهجي ٿو سبزي ۽ ٻوٽن کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته روڊن جي تعمير ۽ سار سنڀال تي ڌيان ڏنو پيو وڃي، سينٽرل آئيلينڊ ۽ گرين بيلٽس کي روڊن تي سبز رکڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي. هن موجود آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن ۾ معيار ۽ ٽيڪنيڪل صلاحيتن کي نظر ۾ رکندي ڪم سرانجام ڏنو وڃي. ان موقعي تي ان سان گڏ مقامي معززين پڻ موجود هئا.

بقايا *** 34

سان ڪيل ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل ڪالم تي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي. شوڪت ترين جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا سان ڳالهه ٻولهه تي ٻڌل ڪالم تي ردعمل ڏيندي چيو ته ڪيس يقين نٿو اچي ته جنرل باجوا اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته 31 مارچ 2022ع تي مون ريڪوڊڪ ڊيل کي فائنل ڪئي ته جنرل صاحب مون کي هيرو قرار ڏنو هو. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ڪالم نگار موجب اڳوڻي آرمي چيف دعويٰ ڪئي ته فيض حميد نيب ڪيس ختم ڪرائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. اڳوڻي آرمي چيف جو اهو تاثر حقيقت جي خلاف ۽ کل جوڳو آهي.

بقايا سنڌيار 01

منشيات بند ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو تفصيل موجب بدين ضلع جي شهر نئون دمبالو ۾ کلي عام هلندڙ منشيات جرس شراب مين پڙي سفنيا گهٽڪي جو وڪرو ڪرڻ جي پوليس طرفان کلي ڇوٽ ۽ نوجوان نسل کي تباه ڪرڻ جي خلاف شهرجي منهاج القرآن اسڪول جي ٻارڙن ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي شهر جو گشت ڪندي منشيات جي خاتمي ۽ منشيات فروشن ۽ نئون دمبالو شهر سميت پسگردائي جي علائقن ۾ ايس ايچ او ٽنڊو غلام علي محمود خان پلاڻ طرفان منشيات وڪرو ڪرڻ جي کلي اجازت سان نوجوان نسل کي تباه ڪرڻ خلاف ڀ نعري بازي ڪئي وئي شهري جو چوڻ آهي ته اسان جا ٻچا هن منشيات زهرجا عادي ٿي رهيا آهن پوليس منشيات فروشن سان ڀٽ ٻڌيل آهي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪا به ڪاروائي نٿي ڪري باقي شهرجي شريف ۽ غريب ماڻهن کي تنگ ڪري ٿي اهنن شهرين ۽ ٻارڙن وزير اعلي سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد کان فوري طور تي منشيات بند ڪرائي ۽ ايس ايچ او ٽنڊو غلام علي کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 02

سڄاڻپ عابد جي نالي سان ٿي جيڪو لي مارڪيٽ جو رهواسي سان ٿي آهي

بقايا سنڌيار 03

بازار کان احتجاجي ريلي ڪڍي ايوان صحافت آڏو ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ سينئر صحافي محمد يوسف عمراڻي، صحافي گلزار ملاح، صحافي محرم خاصخيلي، شاهزيب عمراڻي ايس ٽي پي مرڪزي اڳواڻ گوتم چنا شوال ڏيٿو ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪري ذوالفقار خاصخيلي مٿان ٿيل حملي خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ حاصل ناهي، حق سچ لکڻ ۽ مظلومن سان گڏ ٿي بيهڻ جي ڏوهه ۾ صحافين مٿان حملا ڪري کين زخمي ڪرڻ سان گڏ شهيد ڪيو وڃي ٿو پر وفاقي حڪومت توڙي سنڌ حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي، ذوالفقار خاصخيلي تي حملو نه پر آزاد صحافت تي وار آهي، صحافي رياست جو مُک جز هجي ٿو رياستي ڌرين توڙي حڪمرانن کي هي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته جڏهن صحافي ڪمزور ٿيندو ته رياست جا بنياد به ڪمزور ٿيندا. انڪري صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي حملو ڪندڙ فوري طور تي گرفتار ڪري ۽ باقي ورڪنگ جرنلسٽ کي تحفظ ڏيڻ جو يقين ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

لغاري ٿيندڙ مردم شماري ۾ اسٽاف مهيا نه ڪري ڏيڻ تي سيڪريٽري تعليم غلام اڪبر لغاري جي حڪم تي سيڪشن آفيسر سيڪنڊري ون عبدالغفار سومرو تعليم کاتي اوپر جي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري يار محمد بالادي ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري شاهانا پروين کي هٽائي ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اپر ضلعي تعليم کاتي جي آفيسر يار محمد بالادي کي ۽ شاهانا پروين کي مردم شماري جي لاءِ بار بار ليٽر لکي عملو ڏيڻ جي لاءِ چيو ويو جنهن تي انهن غفلت جو مظاهرو ڪندي ڏنل حڪم تي ڪو به عمل نه ڪيو جنهن تي کين هٽائي تعليم کاتي جي هيڊ آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا سنڌيار 05

آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو ته برسات کي 6 مهيا گذري چڪا آهن پر هن محل تائين ڪنهن به چونڊيل نمائندي نه ٿي تڪ جي ايم پي اير اين اي ڪا به سار سنڀال لڌي آهي ۽ نه ڪنهن انجوز اسان جي مدد ڪئي آهي هن مهل به انجوز يوسي ٻالهاڻو جي ٻين ڳوٺ ۾ سامان ورهائي پئي پر اسان جي ڳوٺ نيو سونهري نظر انداز ڪيو پيو وڃي هئن تڪ چونڊيل نمائندن انجوز جي اعلااختيارن کي اپيل ڪندي چيو ته نيو سونهري واسن جي ڳوٺائن ۾ امدادي سامان ڏئي ڳوٺائن جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 06

ڪاٽي طرفان شهرجي ڪراچي روڊ تي لڳايل 80 هزار گيلن وارو الٽرافلٽريشن پلانٽ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ناڪاره هئڻ شهر جي 50 هزار آبادي سان گڏ آس پاس جي هڪ لک کان وڌيڪ انساني آبادي پيئڻ جي صاف کان محروم آهي ان ڏس ۾ نوحاڻي پاڙي شيخ پاڙي صحافي ڪالوني ڪڙيو گهنور روڊ جي رهواسين اصغر شيخ ساٿوڻ شيخ ڪليم الله خان اصغر جاکرو خان ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته ٽائون ڪميٽي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي نااهلي سبب لکين رپين جي ماليت جو تعمير ڪيل يو ايف پلانٽ ناڪاره ٿي ويو آهي پر ٻنهي کاتن جا عملدار هر سال فلٽر پلانٽ جي مرمت فلٽرن تبديلي ۽ ڪيميڪل جي نالي تي لکين رپين جا ڪوڙا بل ناهي رقم هڙپ ڪري ويا آهن جڏهن ته فلٽر پلانٽ خراب هئڻ سبب شهر ۽ آس پاس جي آبادي گندو پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهي جنهن سبب گيسٽرو ڪاري سائي خارش ۽ ٻيون بيماريون ڦهلجي رهيون آهن هنن چوڻ آهي ته اسان ڪافي مهينن کان خراب فلٽر پلانٽ جي مرمت لاءِ واسطيدار اختيارن وٽ شڪايت ڪئي آهي پر ڪوبه تدارڪ نه ٿيو آهي هن ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان کان مطالبو ڪيو آهي ته گولاڙچي شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ خراب پيل واٽر فلٽر پلانٽ جو نوٽيس ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 07

کي گهر اندر نظربند ڪري ڇڏيو هو جن کي ٻاهر به نه ڇڏيو ويندو هو جڏهن ته سخت تشدد سبب ٽن ڄڻن مان سندن جو هڪ ڀاءُ 13 سالن جو نينگر رفيق نهڙيو تشدد جي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو گهر ۾ ڪم ڪندڙ فوتي ملازم رفيق جي والد قبول نهڙيو جي فرياد تي بنگلي مالڪياڻي شيري اسد جي مٿان گلشن اقبال ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي فوتي نينگرجي والد قبول نهڙيو داخل ٿيل ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي ته منهنجا 3 پٽ شيري اسد جي بنگلي تي ڪم ڪندا هئا ٽنهي جا پندرنهن هزار روپيا شيري اسد ڳوٺائي اسلم نهڙيو ڏانهن موڪليندي هئي اهو مون کي پئسا ڏيندو هو بنگلي مالڪياڻي عورت شيري ٻڌايو ته رفيق واش روم مان ڪرڻ سبب مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿيو آهي بعد ۾ مون کي پٽن ٻڌايو ته شيري اسد بنگلي اندر اسان مٿان سخت تشدد ڪندي هئي گرم شيخن سان جسم تي ڏنڀ ڏيندي هئي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شيري اسد منهنجي هڪ پٽ رشيد جي هٿن جا ننهن پڻ پڪرسان ڪڍيا هئا هن چيو ته جوابدار عورت خلاف سخت ڪاروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن مقتول نينگر جي لاش جو پوسٽ مارٽم نه ڪرائڻ تي ايڊيشنل آءِ جي جاويد عالم اوڊو نوٽيس وٺندي ايس ايچ او گلشن اقبال سيد رضوان حسين ۽ ڊي ايس پي طلح کي معطل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 08

اسپتال سيوهڻ منتقل ڪيو ويو جنهن بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين پوليس وين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو بي طرف اڃا تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا سنڌيار 09

شيخ پرڪيو جي صحافين ۽ سماجي اڳواڻن پاران شيخ پرڪيو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ صحافي عباس علي ٿهيم غلام مصطفي ڪاتيار اي ڊي شاهاڻي جان محمد خاصخيلي سلام الله ٿهيم مظفر بروهي ذوالفقار ٿهيم غلام نبي بروهي جهنارام سنڌي سماجي اڳواڻ لياقت پتافي نر سنڌي شبير ڪشميري ٻين ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ٽي وي نيوز جي بيوروچيف ۽ جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر ذوالفقار خاصخيلي مٿان ٿيندڙ حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن جو چوڻ هو ته ذوالفقار خاصخيلي صحافتي فرض نڀائڻ لاءِ فيلڊ ۾ رپورٽنگ ڪري رهيو هو جنهن تي حملو ڪيو ويو جيڪا ڪليل دهشتگردي آهي هنن چيو ته ذوالفقار خاصخيلي هميشا مظلوم ماڻهن جي لاءِ آواز اٿاريو آهي صحافين تي حملا منظور نه ڪيا ويندا احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي نوابشاه کان مطالبو ڪيو آهي ته حملي آورن کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪيي وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج هوندا.

بقايا سنڌيار 10

۾ ڪوهيڙي سبب پيش ايندڙ حادثن بابت مختلف عنصرن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي قدم کنيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ دهند جي موسم ۾ ٿيندڙ حادثن ۾ گهٽتائي آئي آهي، موٽر ويز تي حادثن تي ضابطو آڻڻ ۽ مسافرن جي محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، موٽر وي پوليس جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي مواصلاتي نظام کي بهتر بڻايو ڪوهيڙي جو پتو لڳائڻ لاءِ جديد ٿرمل ڪيمرائن جي مدد سان موٽر ويز ۾ قاتل گاڏين کي محفوظ طريقي سان موٽر ويز تان قافلن جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو. ٽول پلازن تي روزاني جي بنياد تي خاص بريفنگ ڏني وئي ته جيئن مسافرن کي ڪوهيڙي جي حوالي سان هدايتون ڏنيون وڃن. ان کان علاوه موٽر وي پوليس مسافرن جي سهولت لاءِ روزاني جي بنياد تي جرني پلانر فوگ شايع ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان مسافرن کي پنهنجي سفرجي رٿابندي ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي موٽر ويز جي بروقت بندش ۽ کولڻ بابت سموري معلومات، 130 هيلپ لائن اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا، ايف ايم 95 ريڊيو ۽ ريئل ٽائيم ايڊوائزري جاري ڪئي وئي ۽ انهن کي ٻڌايو ويو ته موٽر وي پوليس_23 2022 فوگ جي موسم ۾ بروقت قدمن صفر حادثو پاليسي جو مقصد حاصل ڪيو ويو، جيڪو بلاشبہ انسپيڪٽر جنرل خالد محمود جي شاندار حڪمت عملي ۽ قيادت جي ڪري ممڪن ٿيو ۽ مسافرن جي محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ لاءِ هميشه پرعزم رهيو آهي

بقايا سنڌيار 11

آهي ته هووڌ کان وڌ هن ڀلائي جي ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪن ۽ هن مشڪل وقت ۾ پاڪستاني عوام ترڪيا ۽ شام جي عوام سان يڪجهتي جو مثال قائم ڪن ٻئي طرف وزير اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ضلعي جي سمورين مسجدن ۾ ترڪيا ۽ شام ۾ زلزلي سبب فوت ٿي ويل سمورن ماڻهن لاءِ دعاءِ مغفرت ڪئي وئي انهي موقعي تي علماءِ ڪرام دعا ڪئي ته پاڪ زلزلي متاثرين جي پريشانين کي ختم ڪري انهن جون مشڪلاتون آسان ڪري

بقايا سنڌيار 12

ٽڏي تي فوت ٿي ويئي جڏهن ته 18 ورهين جي نوجوان ناري تنزيلا ڌي محمد رمضان لغاري سخت زخمي ٿي پئي فوتي نينگري جو لاش ۽ زخمي کي تعلقا اسپتال ماتلي آندو ويو جتي زخمي ناري کي طبي امداد ڏني ويئي ۽ فوتي معصوم نينگري جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي ۽ زخمي ناري جو تعلق ڳوٺ گهٽو لغاري سان ٻڌايو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

ويو شهر جي مصروف ترين علمدار چوڪ تان آل واپاري اتحاد جي اڳواڻ سهيل شيخ جي دڪان مان 6 لک روپين جي چورچوري ڪري آساني سان ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ان دوران دڪان جي مالڪ سهيل احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئي ڏينهن وارداتن ۾ اضافو ٿيندو وڃي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي دڪان مان گذريل رات جو نامعلوم چور 6 لک روپيا ڪيش ڪٽي فرار ٿي ويا آهن. ٻئي پاسي پوليس جاءِ واردات تي پهچي جاءِ واردات جو جائزو پڻ ورتو ۽ کوجي ڪتن ذريعي چورن جا پيرا به کنيا ويا. ٻئي پاسي شهر جي واپارين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو به ڪيو ويو جتي اڳواڻن چيو ته شهر جو امن بحال ڪيو وڃي ۽ واپاري سهيل احمد شيخ جي دڪان مان ٿيل چوري واپس ڪئي وڃي واپارين آءِ جي ڪراچي، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته چوري ريڪور ڪرائي وڃي نه ته ٻيءَ صورت ۾ شٽربند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 14

حاجي محمد عثمان سميجو محمد نعمان. لال بخش شهاڻي، عبدالستار شهاڻي، بنارس، پيربخش خاصخيلي، الهڏنو عرف ايدي. اعجاز نوحاڻي، محمد شريف، محمدملن راهيمو ۽ ٻين سجاول لڳ ملاح پمپ پرسان جيو عرفان گڊس ٽرانسپورٽ ڪمپني اڳيان ٽرڪون بيهاري احتجاج ڪندي چيو ته سجاول ضلعي ۾ روڊن تي رات جي وقت نامعلوم ڦورون پاران ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت مختلف شهرن ڏانهن مال کڻي ويندڙ لوڊنگ گاڏين مان مال لاهڻ معمول بڻجي ويو آهي گذريل ڪيترن ئي مهينن کان سجاول ضلعي ۾ روڊن تي رات جي وقت نامعلوم جوابدار هلندڙ لوڊنگ گاڏين مان چانور، اٽو کنڊ ۽ ٻيو لکين روپين جو سامان لاهيو ڇڏين ٿا ۽ گاڏين ۾ پيل مال جا مالڪ اهڙي وارادات کان لاتعلق آهن جنهن سبب اسان کي روزاني لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي هنن چيو ته اهڙي دانهن اسان ايس ايس پي سجاول کي ڏني پر پوليس ان تي عمل ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي هنن چيو ته اهڙي صورتحال ٺٽي ضلع ۾ پڻ هئي جنهن کي قابو ڪرڻ لاءِ ٺٽو پوليس ڪاروائي ڪري 9 جوابدار گرفتار ڪيا جنهن بعد هاڻ اتي امن و امان ٿي ويو آهي پر سجاول پوليس جي نااهلي سبب سجاول ضلعي جا روڊ رستا غيرمحفوظ آهن. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته هاڻ اسان جي لوڊنگ گاڏين مان مال لاٿو ويو ته اسان سجاول پوليس انتظاميا کي ذميوار سمجهنداسين ۽ ڪراچي حيدرآباد سميت مختلف شهرن کان لوڊنگ گاڏيون گهرائي سجاول پوليس خلاف سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 15

گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي تقريب ۾ هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان سنڌ جي سينيئر نائب صدر خضر ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو مقصد تفصيل سان بيان ڪيو هن جو چوڻ هو ته اسان جي تعليمي ادارن کي نيڪ ڪرڻ ۽ هلائڻ جي سخت ضرورت آهي. تعليم انسان جو سڀ کان وڏو بنيادي حق آهي، جيڪو ڪسير پيو وڃي انهي موقعي تي ٺٽي ضلعي مان هيومن رائٽس ڪميٽي جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ راڻي پٿو _ ايڊووڪيٽ امجد پليجو . ايڊووڪيٽ سرور پليجو ڊپٽي ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن کي بي ٻهراڻي. سماج سڌارڪ ۽ صحافي جاويد ميمڻ. سيد مقبول حنفي شاه بخاري _ ننگر پبلڪ پريس ڪلب جي باني حيدر جويو - صدر ممتاز سميجو - جنرل سيڪريٽري پيرل پياسي. چيف ايڊيٽر ننگر نيوز مظفر خاصخيلي. سماج سڌارڪ ۽ نوجوان صحافي ساجد شيخ. زيبا اگهير سرفراز ميمڻ . نيشنل پريس ڪلب ٺٽوجي صدر ۽ سينيئر صحافي محبوب بروهي. صدر پريس ڪلب ٺٽو اقبال جاکرو. صدر عوامي پريس ڪلب بلال سمون جنرل سيڪريٽري اي ـ بي شورو. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ وڪيل اعجاز ٻڌاڻي سميت ٻين اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ضلعي ٺٽي سميت سموري سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 16

ڪاروائي نه ٿي سگهي شهر ۾ جانورن واري رٿلن سميت مدي خارج دوائن جو سريعام استعمال ٿيڻ لڳو ڪيترائي ماڻهون موزي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا خبرموجب ٺڪراڻي شهر ۾ عطائي ڊاڪٽرن ديرا ڄمائي ڇڏيا شهر جي مختلف بازارن محلن ۽ گهٽين ۾ 60 کان وڌيڪ غير قانوني ڪلينڪون کوليل عطائي ڊاڪٽرن ابوجه عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لاءِ پنهنجا بغير لائسنس جعلي ميڊيڪل اسٽور به کولي ڇڏيا جن تي جانورن وارا وائل ۽ ٻيون انساني صحت لاءِ حاجيڪار دوائون سريعام وڪرو ڪرڻ لڳا عدالتي حڪم باوجود به صحت کاتي سکر توڙي هيلٿ ڪيئر ڪميشن عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪا به ڪاروائي ڪئي جنهن ڪري عطائي ڊاڪٽرن جي انگ ۾ گهٽتائي بجا ڏينهون ڏينهن اضافو ٿين لڳو سيڪڙن عطائي ڊاڪٽرن جي غلط علاج سبب ڪيترين ئي انساني زندگي داءِ تي لڳل عطائي ڊاڪٽرن ابوجه ماڻهن ڦري ناس ڪري ڇڏيو شهرين جي ڪافي پيرا احتجاجن باوجود صحت کاتي سکر عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهون موزي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا شهرين صحت جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪندي چيو ته عطائي ڊاڪٽرن ڪاروائي ڪري شهر خاتمو آندو وڃي

بقايا سنڌيار 17

12 سالا نياڻي شاهد 9 سالا ناهد ڌيءُ فضل دين ٽڏي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته 2 ورهين جو نينگر وحيد پٽ فضل ڪهر سخت زخمي ٿي پيو. فوتين ۽ زخمين کي رند قومي اتحاد سنڌ جي نائب صدر زاهد رند ۽ ساٿ فلاحي تنظيم تعلقي ٻلڙي شاه ڪريم جي انچارج فرضان علي رند ۽ سفت ٽيم پاران ريسڪيو ڪري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو محمد خان پهچايو ويو جڏهن ته فوتين جو تعلق جهوڪ شريف جو ٻڌايو پيو وڃي هوڏانهن ڪيور چيڪ پوسٽ جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪار ڊرائيور کي گاڏي سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته فوتين جي وارثن لاشن جي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان منع ڪري ڇڏي، واضع رهي ته سمورا فوتي هڪ ئي گهرجا ڀاتي هئا. جڏهن ته زخمي نينگروحيد ڪهر کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو محمد خان مان شروعاتي طبي امداد ڏياري سفت جا رضاڪار سول اسپتال حيدرآباد کڻائي ويا جنهن جي پڻ حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي هوڏانهن فوتين جا لاش وارث کڻائي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 18

جيان بدين ۾ به ڪووڊ 19 جي ايمر جنسي دوران 80 کان وڌيڪ نوجوانن کي ڊيلي ويجز تي رکيو هو انهن ملازمن کي گذريل 9 مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف عبدالقدير ميمڻ فياض علي تمبراڻي، خليل جبران، محمد خان سيال، سجاد ميمڻ، ڪاشف جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيوويو انهي موقعي تي ڊيلي ويجز طور مقرر ٿيل ڊيٽا انٽري آپريٽرز ۽ نرسنگ اسٽوڊنٽ، صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سال 2021 ۾ ڪووڊ دوران کين ڊيلي ويجز تي نوڪرين ۾ رکيو ويو ۽ اسان ان ڏکين حالتن ۾ پنهنجون زندگيون جوکي ۾ وجهي ڊيوٽيون ڪيون کين اجورو فقط 600 روپيه ڏنو ويندو هو جيڪو هن مهانگائي جي پرمار ۾ تمام گهٽ آهي، سو به گذريل 9 مهينن کان کين پگهارون جاري ناهن ڪيون ويون جنهن ڪري غريب ملازم فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن هنن واسطيدار اختيارين کي اپيل ڪئي ته بدين ضلع جي مختلف شهرن ۾ 80 کان وڌيڪ ڊيلي ويجز ملازمن کي پگهارون جاري ڪري انهن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي. هنن وزير اعلي سنڌ کي اپيل ڪئي ته کين پڪو ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 19

موقعي تي اچو ته دادا گوبند مالهي کي ياد ڪيون! جي نالي سان تقريب سندس جنم ڀومي شهر ٺاروشاه ۾ ملهائي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري شبير سيال، مرڪزي آڊيٽر مظهر خاصخيلي، عبدالله شاد جلباڻي، سڪندر جروار، محمد ملوڪ مستوئي، علي شير ڪيريو، ڪريم بخش سيال، شعيب ٽيوٽو، اقبال گاڏي، زاهد راڄپر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته دادا گوبند سنڌي ناولن جو شهزادو هو هن سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد رکيو جيڪا اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت ٿي ۽ سنگت ترقي پسند ۽ سيڪيولر سوچ سان آبياري ڪئي. گوبند مالهي هڪ گهڻ رخي شخصيت هو، هو هڪ ئي وقت ناول نگار به هو ڪهاڻيڪار به. ڊراما نگار به هو. فلمن جو پروڊيوسر، ڊائريڪٽر ۽ شاعر به هو ته ترقي پسند سياسي ڪارڪن به هو هن هندوستان ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن جا ناول انتهائي شاهڪار آهن. هو سنڌي ادب جو ديو مالائي ڪردار هو هنن چيو

بقايا سنڌيار 20

سراپا احتجاج بڻجي ويندي ميرعلي گوهر بلوچ تفصيل موجب، گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي قلم ڌڻين پاران هنگامي اجلاس صدر سعيد احمد چانڊيو جي صدارات ۾ گهرايو ويو ويو جنهن ۾ نوابشاه جي صحافي ذوالفقارعلي خاصخيلي تي ڊولفن بيڪري جي سامهون شرپسند هٿيارٻندن پاران حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي آءِ جي سنڌ ،وزيراعلي سنڌ ،ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو ته حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن مٿان قانوني ڪيس داخل ڪيو وڃي،اجلاس دوران جيئرمين ميرعلي گوهربلوچ، صدر سعيد احمد چانڊيو ،جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار ٻين ڳالهائيندي چيو ته حڪومت صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي هنن چيو ته صحافي تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري قلم ڌڻين سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت سموري سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج بڻجي ويندا،اجلاس ۾ جٽئي رام پڙهيار ،صالم ڏاهري ،مجيب الرحمن برفت ،آدم سريلو ،ياسين برفت ،اسد جتوئي ،روشن ڪمار ،گلشيرباريچو، نثارجان لاشاري مير موسا جنامڪيش ڪمار فداحسين ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 21

اٽي جي چڪين، هوٽلن، ڪرايانه اسٽورن جا دورا ڪيا ويا ۽ سرڪار طرفان مقرر ڪيل اگهن تي وڪرو نه ڪندڙ دڪاندارن، چڪي ۽ مل مالڪن ۽ غير معياري کاڌو وڪرو ڪندڙ هوٽلن تي ڀاري ڏنڊ لڳايو ويو ۽ آئينده عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ اهڙا دوڪان ۽ هوٽل سيل ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور عرفان نظاماڻي پاران شڪارپور شهرجي ماضي جي مهان انسان راو بهادر اوڌهو داس تاراچند پاران جوڙايل آر بي يو ٽي اسپتال جو دورو ڪيو ويو جتي مريضن پاران دوائون نه ملڻ جي شڪايتن ۽ صفائي جا انتظام بهتر نه هجڻ سبب ايم ايس سميت سڄي اسٽاف کي سخت تاڪيد ڪيو ۽ پڻ اهڙي رپورٽ اعلي اختيارين ڏانهن اماڻي ڇڏي.

بقايا سنڌيار 22

حاجي خان برهماڻي اسان جي لاءِ آزار ڪري ڇڏيو آهي عورت پنهنجي 2 پٽن جيڪي ذهني معذور هئا انهن سان گڏ پاڪ ڪتاب کڻي دادو پريس ڪلب پهچي دانهيو ته نافرمان پٽ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، ان پنهنجي حصي جي جاءِ وڪڻي ڇڏي آهي ۽ هاڻي منهنجي حصي جي آيل جڳهه ۽ پلاٽ وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو هو آبپاشي کاتي ۾ ملازم آهي.

بقايا سنڌيار 23

جي سي اي او پرتاب شيواڻي افتتاح ڪيو ۽ ٽيم ڳوٺ ۾ لڳل منصوبي جو به جائزو ورتو.ان موقعي تي افتتاح بعد ڳالهائيندي شزا احمد چيو ته هن ڳوٺ ۾ بجلي جي سهوليت نه هئڻ ٽرايڊيوڪيشن اداري جي نشاندهي تي ڳوٺ جي سمورن گهرن ۾ سولر سسٽم لڳايو ويو آهي هاڻ هرگهرم روشني سان گڏ پنکا به لڳايا ويا آهن ان سهولت مان ڳوٺائن کي فائدو ملندو.ان موقعي تي ڳالهائيندي ٽر ايڊيوڪيشن الائنس جي سي اي او پرتاب شيواڻي چيو ته اداري پاران هن ڳوٺ ۾ اسڪول کوليو ويو آهي جتي ڳوٺ جا ٻار تعليم پرائين ٿا هاڻ ڳوٺ جي ٻارن کي رات جو گهرن ۾ پڙهڻ ۾ آساني ٿيندي ۽ سمورو ڳوٺ روشن رهندو.ان موقعي تي بينڪ جا عملدار ۽ ٽرايڊيوڪيشن الائنس جو ونود شرما هنيش ڪمار ۽ ڳوٺاڻا وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 24

جو وڪرو عروج تي پهتل پوليس انتظاميا منشيات فروشن اڳيان بيوس بڻيل اهم ذريعن موجب کلي عام هلندڙ منشيات جنهن ۾ چرس ڪچو شراب مين پڙي سفينا گهٽڪي جو وڪرو ڪرڻ جي پوليس طرفان منشيات فروشن کي کلي ڇوٽ مليل منشيات وڪرو ڪرڻ جي کلي اجازت سان نوجوان نسل کي تباه ڪرڻ خلاف ساڃاه وندن پاران ڪاوڙ ۽ ڳڻتي جو اظهار مقامي شهرين جو چوڻ آهي ته اسان جا ٻچا هن زهريلي منشيات جا عادي ٿي رهيا آهن پوليس منشيات فروشن سان هٽ ٻڌيل آهي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪا به اثرائتي ڪاروائي نٿي ڪري باقي شهرجي شريف ۽ غريب ماڻهن کي تنگ ڪري چند ڪاغذي ڪارروايون ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي ٻي طرف شهرين ساڃاه وندن ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو جي گهر ڪندي چيو آهي ته اسان وزيراعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان اپيل ٿا ڪريون ته فوري طور تي منشيات بند ڪرائي شهرن ۾ امن بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 25

صحافي برادري جو احتجاج، صحافين ثنا مهر ملوڪ عباسي مشتاق ڪلهوڙو نصير ابڙو راشد ميمڻ فاروق ڏهراج فهيم ابڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو هنن چيو ته صحافي ذولفقار خاصخيلي اڪيلو نه آهي سڄي سنڌ سندس سان گڏ آهي قلم ڌڻين جي آواز نٿو دٻائي سگهجي

بقايا سنڌيار 26

متاثر نينگر آفتاب چانڊيو ٽول پلازه نادرن باءِ پاس وٽ بيٺ گذر ڪرڻ لاءِ گاڏين کي صاف ڪندڙ ڪپڙا وڪرو ڪندي هڪ بس ڊرائيور کي ڪپڙا ڏئي ڏنل ڪپڙي جا بس ڊرائيور کان پئسا گهريا جنهن تان مچرجي بدمست ڊرائيور کيس ڌڪو ڏئي ڪيرائي وڌو ۽ سندس مٿان بس چاڙهي فرار ٿي ويو بس هيٺان چيپاٽجي زخمي ٿيندڙ نوجوان آفتاب چانڊيو کي سول اسپتال ڪراچي ٽراما سينٽر داخل ڪيو آهي جتي سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، هوڏانهن نينگرجي وارثن طرفان بس جا سي سي ٽي وي فٽيجز هٿ ڪري ورتا آهن جنهن ۾ بس نمبر JA 9953 جي ڊرائيور طرفان ڄاڻايل حرڪت ڪئي وئي آهي سي سي ٽي فٽيجز ملڻ باوجود به پوليس بس ڊرائيور کي گرفتار ناهي ڪري سگهي، متاثر نينگرجي وارثن پوليس اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته بس کي تحويل ۾ وٺي بدمست بس ڊرائيور کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 27

تي صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي جي معززين ۽ رشتيدارن وڏي تعداد ۾ صحافي جي ٽڏي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ پهچي تعزيت ڪئي سياسي سماجي اڳواڻن صحافي سميت سوين ماڻهن پاران تعزيت ڪئي ان موقعي تي ٽنڊو محمد خان ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي چيئرمن سينئير صحافي غلام نبي ڪيريو ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي خزانچي جبار بلوچ ساحل اياز پلي ممتاز جسڪاڻي اياز خان شيخ پرڪيو پريس ڪلب جي صدر غلام مصطفى ڪاتيار اي ڊي شاهاڻي پريس ڪلب ملاڪاتيار جي صدر عطا احمد مگريو ارشاد ڪاتيار اويس ملاح صحافي محمد خان جمالي شيخ پرڪيو جو سينئير صحافي آغا جانب علي صحافي اعجاز مينگل ميرحسن رند صحافي معشوق لغاري سريوال صحافي عبدالغفار لغاري صحافي گلزار لغاري صحافي سليمان چانڊيو صحافي امام بخش ٽنگڙي ذوالفقار ٿهيم امين ٿهيم رفيق ٿهيم سجاد ٿهيم سميت سنڌ بروهي اتحاد حيدرآباد اڳواڻ علي اڪبر بروهي سنڌ لغاري اتحاد جي صوبائي صدر رئيس محبوب خان سريوال مير نواب مظفر ٽالپر ناڪور اتحاد اڳواڻ رائيسنگ ناڪر غلام مصطفى لغاري سريوال مسلم لغاري غلام مرتضا لغاري صحافي شاهنواز لغاري هادي بخش لاشاري ايس ايچ او زنئور احمد نوناري ايس ايچ او فهيم فتح آرائين ايس ايچ او عمران حنيظ ڳنڀير دلدار پنهور سڪندر لغاري هيڊ محرر شيخ پرڪيو اسماعيل ابڙو علي رضا مغل صوبيدار ڪريم بخش نظاماڻي مقبول پتافي پ پ اڳواڻ منورحسين بروهي پي ٽي آئي اڳواڻ آفتاب نظاماڻي صحافي اشرف عمراڻي صحافي لال بخش پنهور رئيس عبدالحسين نظاماڻي رئيس طارق خان نظاماڻي سائين امجد نظاماڻي سائين عمر قمبراڻي سائين جاويد نظاماڻي پ پ اڳواڻ غلام حيدر شاه پ پ اڳواڻ رفيق وساڻ پ پ اڳواڻ وڏيرو خدا بخش وساڻ من گروپ جي سرواڻ من جاويد وساڻ من زوهيب نظاماڻي من خالد ملاح من زوهيب خاصخيلي من اعجاز وساڻ وڏيرو اعجاز خان وساڻ وڏيرو عرفان خان وساڻ اختر حسين وساڻ پ پ شهيد ڀٽو جو سئنير اڳواڻ ڪامريڊ جمن بروهي سردار ايوب بروهي شوڪت حسين بروهي عطا محمد بروهي مير مرتضا بروهي رئيس شبير خان بروهي غلام فريد نظاماڻي ڪامريڊ امڪان نظاماڻي فقير امين لغاري اسد لغاري امام علي ٿهيم قومپرست اڳواڻ ماما عبدالخالق نظاماڻي زاهد حسين جسڪاڻي جاويد هاليپوٽو صحافي ساگر نصير بروهي ڪامران بروهي آصف ڪالرو محبت گوپانگ رياض جان بروهي نياز علي بروهي جاني بروهي عبدالسلام بروهي مختيار بروهي شير علي بروهي عبدالجبار بروهي عبدالقادر بروهي نصير بروهي ليمون بروهي اسحاق بروهي پرويز بروهي حاجن بروهي الهڏنو بروهي مولوي رمضان بروهي اسلم بروهي ماستر عبدالغفور بروهي زوهيب بروهي صحافي نظام چانڊيو جعفرخان بروهي ايل ايس واپڊا افضل پنهور لائين مين گل حسن سولنگي اڪبر سولنگي روينيو ڪلارڪ راشد چانڊيو وفا چانڊيو عابد هاليپوٽو عباس عمراڻي صحافي عمر بليدي نياز نظاماڻي پ پ اڳواڻ بابو هاشم نظاماڻي پ پ اڳواڻ ليمون ملاح زميدار نبي بخش سليو نيڪ محمدرند نياز ڪوسو اقبال رند صحافي ايوب ڪوريجو علي لغاري مير محمد خان سائين دلدار پنهور سائين ياسين پنهور سميت سون جي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن معززين علائقي واسين صحافين شهرين رشتيدارن وڏي تعداد ۾ صحافي مظفر بروهي سان ڳوٺ بشيراحمد بروهي ۾ پهچي سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي جڏهن ته صحافي سان سندس ٽڏي تي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 28

ڪيا وڃن مطالبو خبر موجب نڪراڻو پريس ڪلب آڏو صحافين نجي ٽي وي نوابشاه ڊويزن جي بيورو چيف ۽ سينئر صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي رپورٽنگ دوران شرپسند هٿياربندن طرفان ٿيل حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي صحافين واجد سومرو ممتاز مهر حضرت گل پناڻ علي گوهر الهڏنو مهر ۽ ٻين چيو ته ذوالفقار خاصخيلي ۽ سندس ٽيم پنهنجي قلم ۽ ڪيمرا وسيلي سدائين حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪيو آهي جنهن تي گذريل ڏينهن نوابشاه ۾ قبضا خور هٿياربندن سندس مٿان سڌي فائرنگ ڪئي جنهن ۾ هو معجزاتي طور محفوظ رهيو صحافين جو چوڻ هو ته افسوس جهڙي ڳالهه اها آهي ته فائرنگ دوران نوابشاه پوليس دهشتگردن کي پڪڙڻ بجاءِ سڄو تماشو ڏسندي رهي صحافين آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي نواب شاه امير سعود مڳسي کان شرپسند هٿيارٻندن کي فورن گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪئي.

بقايا سنڌيار 29

انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر سيد امجد شاه، جنرل سيڪريٽري هوش محمد عباسي، پاڪستان يوٿ ڪائونسل سنڌ جي وائس پريزيڊنٽ جاويد لطيف ميمڻ . پي ٽي آئي جي ضلعي نائب صدر ذوالفقارگاهو . ذوالفقار شوررو نثار آرائين ـ عرفان ماڪاڻي . مراد سائي محمد علي رند. قادر بخش ميمڻ ـ ايڊوڪيٽ اصغر ڊولوءِ ٻين چيو ته امپورٽڊ ۽ عوام دشمن حڪمران پاران ملڪ ۾ مهانگائي جو هڪ طوفان آندو ويو آهي، جنهن سان ملڪ ۾ رهندڙ غريب ۽ وچولي طبقي جي جيل جهي ٿي وئي آهي موجده امپورٽڊ ۽ رجيم چينج حڪمران عوام جي ووٽن جي طاقت سان نه، پرحڪومتي تبديليءَ جي رٿابنديءَ تحت آيا آهن. جن جو ايجنڊا ملڪ جي عوام نه پر ڪجهه ٻيو آهي، اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان جي دور ۾ مهانگائي تي مارچ ڪندڙ سياسي پارٽين ملڪ ۾ مهانگائي جو جارچڙهايو آهي، اڳواڻن چيو ته هن ملڪ ملڪ انتشار جي طرف هليو ويو آهي پر انهن ظالم ۽ عوام دشمن حڪمرانن جي ڪن تي جون" به نٿي چري ، پي ٽي آئي اڳواڻن چيو ته هي ڪهڙي جمهوريت آهي سندن پارٽي جي اڳواڻن سميت اتحادي پارٽين جي اڳواڻن جون گرفتاريون ٿي رهيون آهن ائين ته مارشلاجي دور ۾ به ناهي ٿيو پارٽي اڳواڻ چيو آهي ته پارٽي چيئرمن ۽ سندس اڳواڻ عمران خان سنڌس ريڊ لائن آهي هنن چيو آهي ته ملڪ ۾ جلد اسيمبلين توڙي اليڪشن ڪرائي وڃي ريلي دوران حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ريلي ۾ سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن سول سوسائٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 30

ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳو في برٿ سرٽيفڪيٽ تي هڪ هزار کان 1500 فيس اوڳاڙڻ لڳا ايجنٽ مافيا به سرگرم انتظاميه نوٽيس نه ورتو عوام طرفان اعلي اختيارين کان يونين ڪائونسلن جي عملي خلاف ڪاروائي جو مطالبو تعلقي ٽانڊو ٻولا خان جي سٽن يونين ڪائونسلن ۾ يوسين جا ملازم توڙي ايجنٽ مافيا ابوجه ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان ڪوڙا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا فارم فوٽو ڪاپيون ڪرائي هزار کان 15 سو تائين برٿ سرٽيفڪيٽ وغيره ناهي ڏيئي رهيا آهن يوسين لوئر اسٽاف عملو اهڙي عمل ۾ سرگرم نظر اچي رهيو آهي جڏهن ته حڪومت طرفان اسڪالرشپ وظيفو صرف انهن عورتن جي ٻارڙن لاءِ مقرر ڪيو آهي جيڪي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان لاڀ حاصل ڪري رهيون آهن جڏهن ته يوسي عملي ۽ ايجنٽ مافيا رشوت جي بازار گرم ڪري تعلقي جي سڀني عورتن کي برٿ سرٽيفڪيٽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا فارم جا فوٽو ڪاپيون ڏيئي هڪ هزار کان 1500 اوڳاڙي رهيا آهن تعلقي جون اعلي اختياريون اهڙي عمل خلاف بلڪل خاموش نظر اچي رهيون آهن

بقايا سنڌيار 31

جي اميدوارن کان ٽيسٽ ورتي وئين. سيڪيورٽي جا انتظامات سخت ڪيا ويا تفصيل مطابق ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد جي پي آر او سب انسپيڪٽر عرفان نذر ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته شهيد بينظير آباد ڊويزن جي ٽن ضلعن سنڌ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتين لاءِ ڊي آئي جي رينج آفيس ۾ اميدوارن تحريري ۽ زباني ٽيسٽ ميرپور خاص جي ڊي آئي جي ذوالفقار علي مهر جي زير نگراني ۾ ورتي وئي آهي شهيد بينظير آباد ڊويزن جي ٽن ضلعن نواب شاه. سانگهڙ. نوشهروفيروز اميدوار کان ٽيسٽ ورتي ويندي پهرين مرحلي ۾ ضلعي نواب شاه ۽ سانگهڙ جي اميدوارن کان ٽيسٽ ورتي وئين. ان موقعي تي ڊي آئي جي يونس چانڊيوجي هدايتن تي سڪيورٽي جا انتظامات سخت ڪيا ويا آهن جڏهن ان سلسلي ۾ بوردڙ تشڪيل ڏنو ويو آهي جن ۾ ايس ايس پي سانگهڙ بشير احمد بروهي، ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي ۽ ٻيا افسران شامل آهن/

بقايا سنڌيار 32

۾ رنجي ويو جڏهن ته سندس 12 سالن جي نياڻي گذريل ڪيتري ئي عرصي کان گڙدن ۽ دماغي فالج جي بيمارين ۾ مبتلا آهي پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به بدين جي چونڊيل نمائندن ۽ صحافتي تنظيمن پاران قلم ڌڻي غلام رسول بروهي جي سار نه لڌي آهي. صحافي غلام رسول بروهي جي پٽ خادم حسين بروهي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو والد سدائين علائقي جي مظلوم طبقي جو قلم زريعي آواز ايوانن تائين پهچائيندي پنهنجي عمر گزاري پر هن وقت جڏهن منهنجو والد ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ بيماري سبب بستري پيڙا آهن ۽ ذاتي معاشي زريعو نه هجڻ ڪري اسين هنن جو نتا ڪرائي سگهون ته هتي جي چونڊيل نمائندن سميت صحافتي تنظيمن به اساڻجي سار نه لڌي آهي. هن سنڌ سرڪار جي لاڳاپيل کاتي عملدارن.وس وارن ۽ صحافتي تنظيمن سميت سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته بيمارين ۾ ورتل صحافي غلام رسول بروهي، سندس پٽ ۽ ڌيءَ جو علاج ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

اوڳاهي جي فرياد تي اوڳاهي برادري جي 19 ڄڻن نامينٽ ۽ 2 اڻ ڄاتلن سميت 21 ڄڻن تي داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ فرياڌڻ مسمات ڪرمان خاتون ڄاڻايو آهي ته خدابخش عرف خدني اوڳاهي وارن سان پراڻو ڪارڻهن تڪرار تان جهيڙو هيو انهن پنهنجن ساٿين هرهڪ جوابدار محمد علي. اميد علي. سعيد علي. خدابخش ،خير محمد. سڪندر علي. انور علي. عبدالرحيم اوڳاهي ۽ ٻين گڏجي منهنجي ڀاءُ کي ڪلاشنڪوف جا سڌا فائر ڪري ماري فرار ٿي ويا ٻئي پاسي واضع رهي ته ان جهيڙي ۾ هڪ ڌر جا ٽي ۽ ٻي ڌر جو هڪ ماڻهو مارجي ويو هيو

بقايا سنڌيار 34

پاران سنڌ جي ثقافت موجب سنڌي ٽوپي ۽ لنگي جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي رئيس نورحسن ٽالپر رئيس حاجن خان لغاري سريوال ،علي بخش چانڊيو،رئيس غلام مصطفي لغاري،من جاويد وساڻ، ڊاڪٽر علي بخش چانڊيو عابد چانڊيو،عبدالغفور ڪشميري،ضياء ڪشميري، سهيل ڪشميري،من شاه نواز چانڊيو سکر برفت،پريس ڪلب شيخ پرڪيو جي صدر غلام مصطفي ڪاتيار، اي ڊي شاهاڻي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا ان موقعي تي نواب عبدالغني ٽالپر ڳوٺائن جا مسعلا پڻ ٻڌا ۽ درپيش مسعلن جي حل ڪرڻ لاءِ يقين ڏياريو هن چيو ته ٽنڊو محمدخان تي منهنجي ڪوشش آهي تي ضلع چيئرمين منهنجي فرزند ازمير ٽالپر ٿئي ان چيو ته جلد اها خوشخبري هتان جي عوام کي ملندي آخر ۾ سڀني آيل مهمانن کي مانجهاندو پڻ ڪرايو ويو

بقايا سنڌيار 35

تي صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي جي معززين ۽ رشتيدارن وڏي تعداد ۾ صحافي جي ٽڏي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ پهچي تعزيت ڪئي سياسي سماجي اڳواڻن صحافي سميت سوين ماڻهن پاران تعزيت ڪئي ان موقعي تي ٽنڊو محمد خان ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي چيئرمن سينئير صحافي غلام نبي ڪيريو ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي خزانچي جبار بلوچ ساحل اياز پلي ممتاز جسڪاڻي اياز خان شيخ پرڪيو پريس ڪلب جي صدر غلام مصطفى ڪاتيار اي ڊي شاهاڻي پريس ڪلب ملاڪاتيار جي صدر عطا احمد مگريو ارشاد ڪاتيار اويس ملاح صحافي محمد خان جمالي شيخ پرڪيو جو سينئير صحافي آغا جانب علي صحافي اعجاز مينگل ميرحسن رند صحافي معشوق لغاري سريوال صحافي عبدالغفار لغاري صحافي گلزار لغاري صحافي سليمان چانڊيو صحافي امام بخش ٽنگڙي ذوالفقار ٿهيم امين ٿهيم رفيق ٿهيم سجاد ٿهيم سميت سنڌ بروهي اتحاد حيدرآباد اڳواڻ علي اڪبر بروهي سنڌ لغاري اتحاد جي صوبائي صدر رئيس محبوب خان سريوال مير نواب مظفر ٽالپر ناڪور اتحاد اڳواڻ رائيسنگ ناڪر غلام مصطفى لغاري سريوال مسلم لغاري غلام مرتضا لغاري صحافي شاهنواز لغاري هادي بخش لاشاري ايس ايچ او زنئور احمد نوناري ايس ايچ او فهيم فتح آرائين ايس ايچ او عمران حنيظ ڳنڀير دلدار پنهور سڪندر لغاري هيڊ محرر شيخ پرڪيو اسماعيل ابڙو علي رضا مغل صوبيدار ڪريم بخش نظاماڻي مقبول پتافي پ پ اڳواڻ منورحسين بروهي پي ٽي آئي اڳواڻ آفتاب نظاماڻي صحافي اشرف عمراڻي صحافي لال بخش پنهور رئيس عبدالحسين نظاماڻي رئيس طارق خان نظاماڻي سائين امجد نظاماڻي سائين عمر قمبراڻي سائين جاويد نظاماڻي پ پ اڳواڻ غلام حيدر شاه پ پ اڳواڻ رفيق وساڻ پ پ اڳواڻ وڏيرو خدا بخش وساڻ من گروپ جي سرواڻ من جاويد وساڻ من زوهيب نظاماڻي من خالد ملاح من زوهيب خاصخيلي من اعجاز وساڻ وڏيرو اعجاز خان وساڻ وڏيرو عرفان خان وساڻ اختر حسين وساڻ پ پ شهيد ڀٽو جو سئنير اڳواڻ ڪامريڊ جمن بروهي سردار ايوب بروهي شوڪت حسين بروهي عطا محمد بروهي مير مرتضا بروهي رئيس شبير خان بروهي غلام فريد نظاماڻي ڪامريڊ امڪان نظاماڻي فقير امين لغاري اسد لغاري امام علي ٿهيم قومپرست اڳواڻ ماما عبدالخالق نظاماڻي زاهد حسين جسڪاڻي جاويد هاليپوٽو صحافي ساگر نصير بروهي ڪامران بروهي آصف ڪالرو محبت گوپانگ رياض جان بروهي نياز علي بروهي جاني بروهي عبدالسلام بروهي مختيار بروهي شير علي بروهي عبدالجبار بروهي عبدالقادر بروهي نصير بروهي ليمون بروهي اسحاق بروهي پرويز بروهي حاجن بروهي الهڏنو بروهي مولوي رمضان بروهي اسلم بروهي ماستر عبدالغفور بروهي زوهيب بروهي صحافي نظام چانڊيو جعفرخان بروهي ايل ايس واپڊا افضل پنهور لائين مين گل حسن سولنگي اڪبر سولنگي روينيو ڪلارڪ راشد چانڊيو وفا چانڊيو عابد هاليپوٽو عباس عمراڻي صحافي عمر بليدي نياز نظاماڻي پ پ اڳواڻ بابو هاشم نظاماڻي پ پ اڳواڻ ليمون ملاح زميدار نبي بخش سليو نيڪ محمدرند نياز ڪوسو اقبال رند صحافي ايوب ڪوريجو علي لغاري مير محمد خان سائين دلدار پنهور سائين ياسين پنهور سميت سون جي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن معززين علائقي واسين صحافين شهرين رشتيدارن وڏي تعداد ۾ صحافي مظفر بروهي سان ڳوٺ بشيراحمد بروهي ۾ پهچي سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي جڏهن ته صحافي سان سندس ٽڏي تي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 36

ڪاٽي طرفان شهرجي ڪراچي روڊ تي لڳايل 80 هزار گيلن وارو الٽرافلٽريشن پلانٽ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ناڪاره هئڻ شهر جي 50 هزار آبادي سان گڏ آس پاس جي هڪ لک کان وڌيڪ انساني آبادي پيئڻ جي صاف کان محروم آهي ان ڏس ۾ نوحاڻي پاڙي شيخ پاڙي صحافي ڪالوني ڪڙيو گهنور روڊ جي رهواسين اصغر شيخ ساٿوڻ شيخ ڪليم الله خان اصغر جاکرو خان ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته ٽائون ڪميٽي ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي نااهلي سبب لکين رپين جي ماليت جو تعمير ڪيل يو ايف پلانٽ ناڪاره ٿي ويو آهي پر ٻنهي کاتن جا عملدار هر سال فلٽر پلانٽ جي مرمت فلٽرن تبديلي ۽ ڪيميڪل جي نالي تي لکين رپين جا ڪوڙا بل ناهي رقم هڙپ ڪري ويا آهن جڏهن ته فلٽر پلانٽ خراب هئڻ سبب شهر ۽ آس پاس جي آبادي گندو پاڻي واپرائڻ تي مجبور آهي جنهن سبب گيسٽرو ڪاري سائي خارش ۽ ٻيون بيماريون ڦهلجي رهيون آهن هنن چوڻ آهي ته اسان ڪافي مهينن کان خراب فلٽر پلانٽ جي مرمت لاءِ واسطيدار اختيارن وٽ شڪايت ڪئي آهي پر ڪوبه تدارڪ نه ٿيو آهي هن ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان کان مطالبو ڪيو آهي ته گولاڙچي شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ خراب پيل واٽر فلٽر پلانٽ جو نوٽيس ورتو وڃي

بقايا سنڌيار 37

۾ ڪوهيڙي سبب پيش ايندڙ حادثن بابت مختلف عنصرن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي قدم کنيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ دهند جي موسم ۾ ٿيندڙ حادثن ۾ گهٽتائي آئي آهي، موٽر ويز تي حادثن تي ضابطو آڻڻ ۽ مسافرن جي محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، موٽر وي پوليس جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي مواصلاتي نظام کي بهتر بڻايو ڪوهيڙي جو پتو لڳائڻ لاءِ جديد ٿرمل ڪيمرائن جي مدد سان موٽر ويز ۾ قاتل گاڏين کي محفوظ طريقي سان موٽر ويز تان قافلن جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو. ٽول پلازن تي روزاني جي بنياد تي خاص بريفنگ ڏني وئي ته جيئن مسافرن کي ڪوهيڙي جي حوالي سان هدايتون ڏنيون وڃن. ان کان علاوه موٽر وي پوليس مسافرن جي سهولت لاءِ روزاني جي بنياد تي جرني پلانر فوگ شايع ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان مسافرن کي پنهنجي سفرجي رٿابندي ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي موٽر ويز جي بروقت بندش ۽ کولڻ بابت سموري معلومات، 130 هيلپ لائن اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا، ايف ايم 95 ريڊيو ۽ ريئل ٽائيم ايڊوائزري جاري ڪئي وئي ۽ انهن کي ٻڌايو ويو ته موٽر وي پوليس_23 2022 فوگ جي موسم ۾ بروقت قدمن صفر حادثو پاليسي جو مقصد حاصل ڪيو ويو، جيڪو بلاشبہ انسپيڪٽر جنرل خالد محمود جي شاندار حڪمت عملي ۽ قيادت جي ڪري ممڪن ٿيو ۽ مسافرن جي محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ لاءِ هميشه پرعزم رهيو آهي

بقايا سنڌيار 38

جو وڪرو عروج تي پهتل پوليس انتظاميا منشيات فروشن اڳيان بيوس بڻيل اهم ذريعن موجب کلي عام هلندڙ منشيات جنهن ۾ چرس ڪچو شراب مين پڙي سفينا گهٽڪي جو وڪرو ڪرڻ جي پوليس طرفان منشيات فروشن کي کلي ڇوٽ مليل منشيات وڪرو ڪرڻ جي کلي اجازت سان نوجوان نسل کي تباه ڪرڻ خلاف ساڃاه وندن پاران ڪاوڙ ۽ ڳڻتي جو اظهار مقامي شهرين جو چوڻ آهي ته اسان جا ٻچا هن زهريلي منشيات جا عادي ٿي رهيا آهن پوليس منشيات فروشن سان هٽ ٻڌيل آهي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪا به اثرائتي ڪاروائي نٿي ڪري باقي شهرجي شريف ۽ غريب ماڻهن کي تنگ ڪري چند ڪاغذي ڪارروايون ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي ٻي طرف شهرين ساڃاه وندن ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو جي گهر ڪندي چيو آهي ته اسان وزيراعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان اپيل ٿا ڪريون ته فوري طور تي منشيات بند ڪرائي شهرن ۾ امن بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 39

حاجي محمد عثمان سميجو محمد نعمان. لال بخش شهاڻي، عبدالستار شهاڻي، بنارس، پيربخش خاصخيلي، الهڏنو عرف ايدي. اعجاز نوحاڻي، محمد شريف، محمدملن راهيمو ۽ ٻين سجاول لڳ ملاح پمپ پرسان جيو عرفان گڊس ٽرانسپورٽ ڪمپني اڳيان ٽرڪون بيهاري احتجاج ڪندي چيو ته سجاول ضلعي ۾ روڊن تي رات جي وقت نامعلوم ڦورون پاران ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت مختلف شهرن ڏانهن مال کڻي ويندڙ لوڊنگ گاڏين مان مال لاهڻ معمول بڻجي ويو آهي گذريل ڪيترن ئي مهينن کان سجاول ضلعي ۾ روڊن تي رات جي وقت نامعلوم جوابدار هلندڙ لوڊنگ گاڏين مان چانور، اٽو کنڊ ۽ ٻيو لکين روپين جو سامان لاهيو ڇڏين ٿا ۽ گاڏين ۾ پيل مال جا مالڪ اهڙي وارادات کان لاتعلق آهن جنهن سبب اسان کي روزاني لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي هنن چيو ته اهڙي دانهن اسان ايس ايس پي سجاول کي ڏني پر پوليس ان تي عمل ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي هنن چيو ته اهڙي صورتحال ٺٽي ضلع ۾ پڻ هئي جنهن کي قابو ڪرڻ لاءِ ٺٽو پوليس ڪاروائي ڪري 9 جوابدار گرفتار ڪيا جنهن بعد هاڻ اتي امن و امان ٿي ويو آهي پر سجاول پوليس جي نااهلي سبب سجاول ضلعي جا روڊ رستا غيرمحفوظ آهن. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته هاڻ اسان جي لوڊنگ گاڏين مان مال لاٿو ويو ته اسان سجاول پوليس انتظاميا کي ذميوار سمجهنداسين ۽ ڪراچي حيدرآباد سميت مختلف شهرن کان لوڊنگ گاڏيون گهرائي سجاول پوليس خلاف سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 40

کي گهر اندر نظربند ڪري ڇڏيو هو جن کي ٻاهر به نه ڇڏيو ويندو هو جڏهن ته سخت تشدد سبب ٽن ڄڻن مان سندن جو هڪ ڀاءُ 13 سالن جو نينگر رفيق نهڙيو تشدد جي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو گهر ۾ ڪم ڪندڙ فوتي ملازم رفيق جي والد قبول نهڙيو جي فرياد تي بنگلي مالڪياڻي شيري اسد جي مٿان گلشن اقبال ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي فوتي نينگرجي والد قبول نهڙيو داخل ٿيل ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي ته منهنجا 3 پٽ شيري اسد جي بنگلي تي ڪم ڪندا هئا ٽنهي جا پندرنهن هزار روپيا شيري اسد ڳوٺائي اسلم نهڙيو ڏانهن موڪليندي هئي اهو مون کي پئسا ڏيندو هو بنگلي مالڪياڻي عورت شيري ٻڌايو ته رفيق واش روم مان ڪرڻ سبب مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿيو آهي بعد ۾ مون کي پٽن ٻڌايو ته شيري اسد بنگلي اندر اسان مٿان سخت تشدد ڪندي هئي گرم شيخن سان جسم تي ڏنڀ ڏيندي هئي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شيري اسد منهنجي هڪ پٽ رشيد جي هٿن جا ننهن پڻ پڪرسان ڪڍيا هئا هن چيو ته جوابدار عورت خلاف سخت ڪاروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن مقتول نينگر جي لاش جو پوسٽ مارٽم نه ڪرائڻ تي ايڊيشنل آءِ جي جاويد عالم اوڊو نوٽيس وٺندي ايس ايچ او گلشن اقبال سيد رضوان حسين ۽ ڊي ايس پي طلح کي معطل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 41

بازار کان احتجاجي ريلي ڪڍي ايوان صحافت آڏو ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ سينئر صحافي محمد يوسف عمراڻي، صحافي گلزار ملاح، صحافي محرم خاصخيلي، شاهزيب عمراڻي ايس ٽي پي مرڪزي اڳواڻ گوتم چنا شوال ڏيٿو ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪري ذوالفقار خاصخيلي مٿان ٿيل حملي خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ صحافين کي ڪوبه تحفظ حاصل ناهي، حق سچ لکڻ ۽ مظلومن سان گڏ ٿي بيهڻ جي ڏوهه ۾ صحافين مٿان حملا ڪري کين زخمي ڪرڻ سان گڏ شهيد ڪيو وڃي ٿو پر وفاقي حڪومت توڙي سنڌ حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي، ذوالفقار خاصخيلي تي حملو نه پر آزاد صحافت تي وار آهي، صحافي رياست جو مُک جز هجي ٿو رياستي ڌرين توڙي حڪمرانن کي هي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته جڏهن صحافي ڪمزور ٿيندو ته رياست جا بنياد به ڪمزور ٿيندا. انڪري صحافي ذوالفقار خاصخيلي تي حملو ڪندڙ فوري طور تي گرفتار ڪري ۽ باقي ورڪنگ جرنلسٽ کي تحفظ ڏيڻ جو يقين ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 42

موقعي تي اچو ته دادا گوبند مالهي کي ياد ڪيون! جي نالي سان تقريب سندس جنم ڀومي شهر ٺاروشاه ۾ ملهائي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري شبير سيال، مرڪزي آڊيٽر مظهر خاصخيلي، عبدالله شاد جلباڻي، سڪندر جروار، محمد ملوڪ مستوئي، علي شير ڪيريو، ڪريم بخش سيال، شعيب ٽيوٽو، اقبال گاڏي، زاهد راڄپر ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته دادا گوبند سنڌي ناولن جو شهزادو هو هن سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد رکيو جيڪا اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت ٿي ۽ سنگت ترقي پسند ۽ سيڪيولر سوچ سان آبياري ڪئي. گوبند مالهي هڪ گهڻ رخي شخصيت هو، هو هڪ ئي وقت ناول نگار به هو ڪهاڻيڪار به. ڊراما نگار به هو. فلمن جو پروڊيوسر، ڊائريڪٽر ۽ شاعر به هو ته ترقي پسند سياسي ڪارڪن به هو هن هندوستان ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن جا ناول انتهائي شاهڪار آهن. هو سنڌي ادب جو ديو مالائي ڪردار هو هنن چيو

بقايا سنڌيار 43

ڪاروائي نه ٿي سگهي شهر ۾ جانورن واري رٿلن سميت مدي خارج دوائن جو سريعام استعمال ٿيڻ لڳو ڪيترائي ماڻهون موزي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا خبرموجب ٺڪراڻي شهر ۾ عطائي ڊاڪٽرن ديرا ڄمائي ڇڏيا شهر جي مختلف بازارن محلن ۽ گهٽين ۾ 60 کان وڌيڪ غير قانوني ڪلينڪون کوليل عطائي ڊاڪٽرن ابوجه عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لاءِ پنهنجا بغير لائسنس جعلي ميڊيڪل اسٽور به کولي ڇڏيا جن تي جانورن وارا وائل ۽ ٻيون انساني صحت لاءِ حاجيڪار دوائون سريعام وڪرو ڪرڻ لڳا عدالتي حڪم باوجود به صحت کاتي سکر توڙي هيلٿ ڪيئر ڪميشن عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪا به ڪاروائي ڪئي جنهن ڪري عطائي ڊاڪٽرن جي انگ ۾ گهٽتائي بجا ڏينهون ڏينهن اضافو ٿين لڳو سيڪڙن عطائي ڊاڪٽرن جي غلط علاج سبب ڪيترين ئي انساني زندگي داءِ تي لڳل عطائي ڊاڪٽرن ابوجه ماڻهن ڦري ناس ڪري ڇڏيو شهرين جي ڪافي پيرا احتجاجن باوجود صحت کاتي سکر عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهون موزي مرضن ۾ وڪوڙجي ويا شهرين صحت جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪندي چيو ته عطائي ڊاڪٽرن ڪاروائي ڪري شهر خاتمو آندو وڃي

بقايا سنڌيار 44

صحافي برادري جو احتجاج، صحافين ثنا مهر ملوڪ عباسي مشتاق ڪلهوڙو نصير ابڙو راشد ميمڻ فاروق ڏهراج فهيم ابڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو هنن چيو ته صحافي ذولفقار خاصخيلي اڪيلو نه آهي سڄي سنڌ سندس سان گڏ آهي قلم ڌڻين جي آواز نٿو دٻائي سگهجي

***

نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽرويز پوليس

پروڪيورمينٽ نوٽيس (PN)
No.01/MT/S-I/N-55/2022-23

آڇن جي دعوت

1. نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس وٽ مالي سال 23_2022 جي لاءِ پروڪيورمينٽ پلان جي لاءِ فنڊز رکيل آهن. اين ايڇ ايم پي "هيٺين آئٽمن جي خريداري" پروڪيورمينٽ جي لاءِ ڪانٽريڪٽ تحت فنڊن جو حصو اهل ادائيگن تي لاڳو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.

سيريل نمبر	آئٽم جو تفصيل	ريمارڪس
1	آفيشل گاڏين جي مرمت	آئٽمن جو تعداد ۽ تفصيل آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل آهي

2. نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس اهل مينيوفيڪچرر/سپلائير کان مٿي ڄاڻايل آئٽمن جي فراهمي جي لاءِ مهربند آڇون گهرائي ٿي.
3. سنگل اسٽيج ٽو انويلپ آڇ عمل پروڪيورمينٽ جو پرنسپل طريقيڪار هوندو (اوپن ڪامپيٽيٽو آڇ) ليسٽ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (LCBS) ٽيڪنيڪل کي حاصل ڪري پروڪيورمينٽ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز ۽ اٿارٽي پاران (وقت به وقت) جاري ڪيل ڪنهن به ريگيوليشنز، ريگيوليٽري گائيڊز، پروڪيورمينٽ گائيڊ لائينز يا هدايتن جي مطابق.
4. سمورين تجويزن آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل بڊ سيڪيورٽي سميت لازمي اچڻ گهرجن.
5. آڇ دستاويز اين ايڇ آءِ ايم پي جي ويب سائيٽ تي مفت ۾ دستياب آهن يا چيف پيٽرول آفيس سيڪٽر I، اين 55، اولڊ پرنس هوٽل، مين انڊس هاءِ وي روڊ، تعلقو سيوهڻ شريف، ضلعو ڄامشورو جي آفيس مان آفيس وقت دوران آخري تاريخ کان اڳ هڪ هزار (1000 رپين) رپين جي ڊي ڊي او اين ايڇ اينڊ موٽر وي پوليس، سيڪٽر I، (اين 55) سيوهڻ جي حق ۾ پي آرڊر (ناقابل واپسي) جي شڪل ۾ ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. چيڪ قبول نه ڪيا ويندا.
6. سرڪار پاران کولڻ جي ڏينهن تي عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾، ورندڙ ڪم وارو ڏينهن ساڳئي وقت ۽ جڳهه ٽينڊر جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ تصور ڪيو ويندو.
7. پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 جي رول 36 (بي) ۽ آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل شرطن ۽ ضابطن جي مطابق اصل آڇ (آڇ دستاويز جي بڊ ڊيٽا شيٽ جي مطابق) هيٺ ڄاڻايل ايڊريس تي 2023_02_24 تي منجهند جو 03:00 وڳي يا اڳ تائين لازمي پهچڻ گهرجي. آڇون ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 03:30 وڳي آڇ ڏيندڙن جي نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون ۽ اوپننگ سيشن (NHMP) چيف پيٽرول آفيس اين 55، جي آفيس اولڊ پرنس هوٽل، مين انڊس هاءِ وي روڊ، تعلقو سيوهڻ، ضلعو ڄامشورو ۾ منعقد ڪئي ويندي.

سيڪريٽري ريپئر آف وهيڪل ڪميٽي
آفيس آف دي چيف پيٽرول آفيسر
سيڪٽر I. اين 55. سيوهڻ
نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽروي پوليس
فون: 025-4620097

PID(H)#239/2022